اِشاعت جو ايڪٽيهون سال

# ساهت ۽ ڪلا جي رچنا - ١٢١

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

Year-31 سال : ٣١
Vol-121 انڪ : ١٢١
(Jan. - March. 2009)
جنوري - مارچ ٢٠٠٩

**Price Rs. 20/**
**Anuual Subscription Rs. 100**
**Life Subscription Rs. 1000**

ڀارت کان ٻاهر : ٥٠ يو. ايس.

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**



## سلسلو

اَسانجي طرفان ٢؛ الوداع شيام ! ٥؛ رچنا ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو ٧؛ طنزيہ گيت/اَرجن حاسد ٩؛ غزل/ واسديو موهي ١٠؛ نظم - رنگ روپ : آواز : احساس/ڏولڻ راهي ١١؛ ڪوتائون/پريم پرڪاش ١٣؛ تصويرون/ لکمي کلاڻي ١٤؛ ڪوتا-دل جي دريءَ مان، من مندر جي ديوي، پيار جي ديوي، مشڪندڙ چهرو/پيتامبر شرما ١٥؛ غزل- /اَرجن چاولا ١٨؛ آزاد نظم - پاڇو، هڪ ٻئي مٿي، ڪٽيل پٽر/ گوپ گولاڻي ١٩؛ غزل/ٿارو سي. گرناڻي ٢٠؛ غزل/جئرام ديپ 'چمناڻي' ٢١؛ ڪوتا/رِتو ڀاٽيا ٢٢؛ غزل-سنڌي ۽ سنڌي ڀاشا، اَنڌا موڙ، سپنو/اِندر جسوجا 'ڪومل' ٢٣؛ واقفيت ٢٥؛ چٽاڀيٽيءَ جو پهريون نمبر ڪهاڻي - ايرڪا/ڪلاڌر مُتوا ٢٧؛ چٽاڀيٽيءَ جو ٻيون نمبر ڪهاڻي - خوف جو احساس/ گوپ گولاڻي ٣٣؛ ليک - سماج ۾ ٿيندڙ تبديل ۽ اَدب ۾ ان جو اظهار/ستيش روهڙا ٤٢؛ تبصرو - گوورڌن ڀارتيءَ جو ناول سوُر جون سوَ صورتون/لکمي کلاڻي ٥٠؛ رپورٽ - آديپور ۾ سنڌالاجيءَ پاران لوڪ اَدب تي ورڪشاپ/موهن گيهاڻي ٦٠؛ ورڪشاپ جا فوٽو ٦٣؛ توهان طرفان ٦٧.



برک سنڌي اَديب شري شيام سانولداس جئسنگهاڻي (جنم : ١٢-٢-١٩٣٧) جي ديهانت (٢٢-٣-٢٠٠٩) تي اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

اَسانجي طرفان

# فاحشپڻو - اشليلتا
(Obscenity - Vulgarity)

ويجھڙائيءَ ۾ سنڌيءَ جي ھڪ پرسڌ ليکڪ، نقاد، پروفيسر ھيري شيوڪاڻيءَ جي لکيل ھڪ ڪھاڻي ’شرير - ڌرم‘ مٿان فاحش ھئڻ جو اِلزام لڳائي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪيس ضامن تي آزاد ڪيو ويو. ھاڻي اھو فيصلو ڪورٽ ڪندي تہ ھن ڪھاڻيءَ ۾ جسماني سنبنڌن جي کُلي بيانبازي، پڙھندڙن جا نفساني جذبا جاڳائي کين بداخلاقيءَ طرف مائل ٿي ڪري، يا اھا ھڪ ساھتڪ ڪلاتمڪ تخليق آھي.

اَنگريزي ساھت ۾ ڊي. ايچ. لارينس جي ناول ’ليڊي چيٽرليز لَوَر‘ ۽ جيمس جايس جي ناول ’يوليسس‘ تي بہ فاحشپڻي جو الزام لڳائي انھن ڪتابن تي بندش وڌي ويئي ھئي. وڏي بحث مباحثي بعد اھا پوءِ ھٽائي ويئي. سنڌي ساھت ۾ بہ ھن ڪان اڳ منگھارام ملڪاڻي، موھن ڪلپنا، وشنو ڀاٽيہ، لعل پشپ ۽ انند کيماڻيءَ جي لکڻين تي اُگھاڙائپ جون اَھڙيون تھمتون مڙھيون ويون آھن.

ڪھڙي رچنا فاحش/اشليل آھي ۽ ڪھڙي صاف سٿري اَدبي ذوق واري آھي، اھو فيصلو ڪرڻ جو اڌڪار آخر ڪنھن کي آھي؟ مذھبي مسيحائن کي، سماج کي، ملڪ جي قانون کي يا رچنا جي پاٺڪ کي؟

ھرڪو ليکڪ ڪلاڪار اظھار جي مڪمل آزاديءَ جو حمايتي رھيو آھي. البت اھا ميتا بہ عام آھي تہ آزادي ڪا ڇڙواڳي (License) ناھي. اُن سان جوابداريءَ (Responsiblity) جو عناصر بہ جڙيل آھي. اُھوئي شخص مڪمل آزادي ماڻي سگھيٿو، جيڪو ٻين جي مڪمل آزاديءَ جو بہ حق قبول ڪريٿو. رستي جي ڪناري تي ويھي ضروري حاجت ڪرڻ، يا ڪپڙا لاھي الف ننگو ٿي گھٽين بازارين ۾ گھمڻ، يا باغ باغيچي، سي بيچ يا ٻيءَ ڪنھن پبلڪ پليس ۾ جانورن جيان جنسي

ميلاپ ۾ جُنبي وچڻ جهڙي شخصي آزاديءَ جي تقاضا،هڪ ناشُدني آهي. عام خلق جي شائستگي (Sense of decency) ضربڻ وارين اَهڙين ناگوار حرڪتن لاءِ ملڪ جو قانون اَهڙن چربت شخصن کي سزاياب ڪري سگهيٿو.

اِستريءَ جي سڊول سرير (جيڪو پرڪرتيءَ جي سندرتا جي علامت آهي) ۽ جنس جي ڪلاتمڪ اظهار ۾ تہ ڀارت اوائل کان ئي اُدار دل (liberal) رهيو آهي. سنسڪرت ساهت ۾ شرنگار رس جو لطيفاڻو (Erotic) ورڻن، جئديو جو ’گيت گوند‘، کجوراهو ۽ ڪونارڪ جي بي مثل سونهن ۽ سوڀيا واري شلپ ڪلا، واتساين جو ڪام شاستر، ان جي شاهدي ڏين ٿا. سنتان اُتپتيءَ لاءِ پرش ۽ استريءَ جي هن اَهم ڪريا کي پوتر مڃيو ويو آهي. سنيوڳ کان سماڌيءَ واري آنند جي چرم سيما تي پهچائڻ واري هن پرڪريا ۾ استري ۽ پرش، وائلن، سارنگي يا سُرندي جهڙن سازن جي ٻن حصن جيان برابريءَ جا حصيدار آهن. جڏهن هو هڪ ٻئي سان همآهنگ تي، جگلبندي ڪندي، هڪ ٻئي ۾ پوريءَ طرح سمائجي وڃن ٿا، تڏهن ئي ’رس‘ جي عروج کي رسن ٿا. پنهنجو پاڻ ۾ جنس جي هيءَ پرڪريا ڪڏهن بہ فاحش/اشليل ٿي نٿي سگهي.

ڀارت ۾ اِسلام جي تنگدليءَ (Conservative) واري سوچ جي پير پائڻ بعد اِستريءَ جو درجو ’ارڌناريشور‘ جي اونچي پدويءَ تان هيٺ ڪري پرش جي جُتي يا Door mat وارو بڻجي ويو. مرد، عورت کي پنهنجي جنسي هوَس جي پورتي ڪندڙ هڪ وسيلو ۽ ٻار جڻڻ جي مشين مڃي، پنهنجي هن نجي ملڪيت کي ننهن کان چوٽيءَ تائين پڙدي ۾ ڍڪي، گهر جي چوَديواريءَ اندر باندي بڻائي در تي ڪلف پائي ڇڏيو. ان بعد عورت مرد جي هٿن ۾ محض هڪ کيڏاڻو بڻجي ويئي، جنهن کي خريد فروخت جي چيز مڃي سري عام هن تي نيلامي ٻولي لڳڻ لڳي. اڄ بہ ڀارت ۾ ڪي طالباني عناصر ڪيس وارن کان پڪڙي، ڪلبن ۽ ريسٽورانٽن مان ڇڪي ٻاهر اُڇلين ٿا ۽ سموري مرد ذات ۽ قانون جا هٿ نپوسنڪ بڻجي اهو تماشو ڏسندا رهن ٿا. هن کان وڌو ٻيو ڪو شرمناڪ ڪارنامو ٿي نٿو سگهي.

شڪر آهي ملڪ جي آزاديءَ بعد اَڄ ڀارت جي استري ڪر موڙي جاڳي آهي. هوءَ انساني مان سنمان وارا برابريءَ جا حق طلبي رهي آهي. پنهنجي مخصوص سڃاڻپ حاصل ڪرڻ لاءِ سنگهرش ڪري رهي آهي. پنهنجي مرضيءَ خلاف جسماني ۽ ذهني طور Exploit ڪرڻ جو حق اڄ هوءَ ٻئي ڪنهن کي نہ ڏيندي، پوءِ چاهي اُهو قانوني طور تسليم ٿيل سندس مڙس ئي ڇو نہ هجي. اڄ هوءَ پنهنجي وجود جي پاڻ مالڪڻ آهي، پاڻ بابت هرڪو فيصلو وٺڻ جي کيس ڪُلي اختياري آهي.

اهو بہ سچ آهي تہ کيس Sex Symbol بڻائي اڄ جو اُپڀوڳتاوادي سرشتو اشتهاربازيءَ ذريعي پنهنجو ساز سامان وڪڻڻ لاءِ، سندس جسم سان ڪامرشل سوَديبازي ڪريٿو. کيس طرح طرح جون لب لالچون ڏيئي سندس مجبورين جو فائدو وٺيٿو.

فئشن جو ڪوڏيو اَڄ جو ليکڪ ڪلاڪار بہ نواڻ جي چڪر ۾، استريءَ جي جسم ۽ سيڪس ڪريا جو پنهنجي اَڳوات رٿيل/طئہ ڪيل ارادن لاءِ غلط استعمال ڪرڻ کان نٿو ڇرڪي. ادب ۽ ڪلا جي کيتر ۾ ڪو وڏو ڌماڪو پيدا ڪري هو راتو رات شهرت حاصل ڪرڻ ٿو چاهي. هو سيڪس جي هينانهين جانوري پرورتيءَ جو سهارو وٺيٿو، جنهن جو تخليق جي سونهن سوڀيا سان ڪو واسطو ڪونهي.

پرم ابيچنداڻيءَ پنهنجي ليک 'شرنگار رس' ۾ لکيو آهي :

'اَلبت جتي ساهت ۾ جنس جو ورڻن ڪچي ۽ ڪوري، اڍنگي ۽ اَڪلاتمڪ روپ ۾ ٿو اَچي، اهڙي رچنا کي صرف پورنوگرافيءَ جو درجو ڏيئي سگهجيٿو، ڇاڪاڻ تہ اهي رچنائون شرنگار گيان جي تتن کان وانجهيل آهن'. (ست سار - ٢، صفحو ٦٩)

واقعي اَهڙيون Perverted رچنائون پاٺڪ جي رُچي سُڌارڻ بجاءِ بگاڙين ٿيون. هرهڪ رچنا بابت پاٺڪ کي پاڻ فيصلو ڪرڻو آهي تہ اُها سنيءَ ٽيسٽ واري آهي يا ٻڇڙي بد ذائقي واري آهي.



# الوداع شيام!

آرتوار ٢٢ مارچ ٢٠٠٩، صبوح جو سنڌيءَ جو اعليٰ درجي جو ڪھاڻيڪار، ناول نويس فوٽوگرافي ۽ چترڪاريءَ جو شوق پاليندڙ اسانجو هردلعزيز دوست شيام جئسنگھاڻي اَسانکي الوداع ڪري اَگم ديس جو راهي بڻيو.

ڪجھ عرصي کان هو ڪيترين بيمارين سبب بستري داخل هو. ٻاهر بہ ڪڏهن ڪڏهن ويل چيئر تي نڪرندو هو. وچ وچ ۾ سندس فون ايندا رهندا هئا. ڪمزور ڇڇڙيل آواز ۾ چوندو هو 'مان بلڪل ٺيڪ آهيان. تون کو فڪر نہ ڪج!'

هفتو کن اڳ پڇيومانس تہ پوءِ ٢٨ مارچ ٢٠٠٩ تي ساهت اڪاڊميءَ جي سيا گھر ۾ تنھنجو Meet the Author پروگرام رکڻ لاءِ واسديو موهيءَ کي چوان، تون اَچي سگھندين؟ اَڳ سندس جنم ڏينھن ١٢ فبروريءَ تي اهو پروگرام رٿيو ويو هو پر سندس عليل طبعيت سبب اهو مهمل ڪيو ويو.

چيائين مان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان، ضرور ايندس. تون گوپال ٺڪر کي چئہ تہ منھنجي گھران فوٽو ۽ بايو ڊيٽا وغيره وٺي وڃي ساهتيہ اڪاڊميءَ جي آفيس ۾ پهچائي اَچي. مون واسديو موهيءَ ۽ گوپال ٺڪر کي فون ڪري شيام جو نياپو ڏنو.

آرتوار ٢٢ مارچ ٢٠٠٩ صبوح جو ٻارهين بجي واسديو موهيءَ کي وري تاڪيد ڪيم تہ جدا جدا شهرن مان گھٽائي سنڌي ليک بمبئيءَ ۾ ساهت اڪاڊميءَ طرفان 'پاڪستان جي سنڌي ادب' تي آيوجن ڪيل ميڙ ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن، اسين سڀ اُتي موجود هونداسين. شيام جي هيءَ آخرين خواهش پوري ڪرڻي آهي.

منجھند جو ٢ بجي بمبئيءَ کان نند جويريءَ فون تي شيام جي

الوداع ٿي وڃڻ جي خبر ٻڌائي، وري پنجين ٻجي واسديو موهيءَ جو فون آيو تہ ٢٨ مارچ ٢٠٠٩ تي اَسين سڀ ڄاڃي تہ اُتي موجود هونداسين، پر گهوٽ راجا گم هوندو. بنان 'Author' جي هاڻي Meet the Author ڪيئن ممڪن آهي؟

اَڃا ويجهڙائيءَ ۾ (نومبر ٢٠٠٨) ۾ هري همٿاڻي 'شيام جئسنگهاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون ڇپائي سنڌي ادب کي هڪ لاجواب تحفو پيش ڪيو هو. هيءَ سهڻي شاندار تخليق جيڪا سندس من مطابق هئي، اُن کيس گهڻو ذهني سکون ڏنو هو. جڏهن بہ بمبئيءَ ويندو هوس، هن سان چيمبور گڏجڻ ضرور ويندو هوس. هن پاڻ کي چيو تہ بازار مان ڪارٽن خريد ڪري اَچي، جيئن نيڪ ٿيڻ شرط مان هي سڀ ڪتاب/مخزنيون سنڌالاجيءَ ڏانهن پئڪ ڪري موڪلي ڏيان. منهنجي ڏرم جي ڏيءَ (جيشما سامتاڻي) بہ مونکي ساڳي صلاح ڏني آهي تہ هاڻي پاڻ کي هنن مان آجو ڪر تہ گهر وائکو ٿي وڃي.

چيو هئائين 'رچنا' لاءِ مان جلد تو ڏانهن هڪ ڪهاڻي موڪليندس، اُن جو عنوان آهي 'ڪستيجن'. مان تہ لکي نہ سگهندس، پاڻ کي ٻڌائيندو ويندس، هو لکندو ويندو. 'ڪستيجن' هڪ بلوچي لفظ آهي. اُهو ننڍپڻ ۾ مون بہ پيءُ جي واتان ٻڌو هو، پر اُن جي معنيٰ ڪنهن کي بہ نہ آئي. آخر منهنجي صلاح تي هن ليکو تلسياڻيءَ کان اُن جي معنيٰ هٿ ڪئي. هڪ نهايت ئي گندي گار، جيڪا پنهنجي ڪهاڻيءَ ذريعي هن اسانجي معاشري کي ڏيڻ ٿي چاهي، جنهن وٽ پنهنجي ليکڪن، فنڪارن جو ڪو قدر ڪونهي. قدر آهي تہ رڳو اُنهن ڍُلارين جو جيڪي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڍُل وجهي، اَڄ احمقن جيان موقعي بي موقعي هرهنڌ پيا ڇيڇ وجهن.

سنڌي جاتي اَڄ بي موت مري رهي آهي شيام پاڻ سان اهو افسوس کڻي رمندو ٿيو.

لکمي کلاڻي

# رچنا ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو

ٽن مانوارن ججن ڊاڪٽر ستيش روهڙا، شريمتي ڪلا پرڪاش ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش چٽاڀيٽيءَ ۾ آيل ٢٧ ڪهاڻين تي نظرثاني ڪري سراسري طور هيٺيون مارڪون ڏنيون آهن.

| ڪهاڻيءَ جو عنوان | ليکڪ جو نالو | ڪل مارڪون<br>سراسري مارڪون |
|---|---|---|
| ١٠ | | |
| ١. ايرڪا | ڪلاڌر مُتوا (ٻني) | ٦ پهريون اِنعام |
| ٢. خوفَ جو اَحساس | گوپ گولاڻي (اِندور) | ٥.٧ ٻيون اِنعام |
| ٣. مخالفت | ڀڳوان اَٽلاڻي (جئپور) | ٥ ٽيون اِنعام |
| ٤. سوال پسنديءَ جو | چندو تيجواڻي (ممبئي) | ٥ ٽيون اِنعام |
| ٥. منهنجو پاس ورڊ گم ٿي ويو آهي (ديوناگري) | ريتو ڀاٽيا (گانڌيڌام) | ٥ ٽيون اِنعام |
| ٦. گولڊ ميڊل | نند هندوجا (ممبئي) | ٤.٧ |
| ٧. پيار جو قرض | گوپ گولاڻي (اِندور) | ٤.٧ |
| ٨. پوٽي يا ڏاڏي | وليرام ڪشناڻي (آديپور) | ٤.٥ |
| ٩. ٻڍاپي جو اڪيلو سفر | ايس. ٽي. ڀاٽيا (اَجمير) | ٤.٥ |
| ١٠. ۽ تنهن ڪانسواءِ | هوندراج بلواڻي (احمدآباد) | ٤.٣٣ |
| ١١.ههڙا هاڃا ٿين | ايشوري جوتواڻي (پونو) | ٤.٣٣ |
| ١٢. گهر | ڪيمن مولاڻي (ڀوپال) | ٤ |
| ١٣. مهيندي لڳل | ڪي. ڊي. چندناڻي (نئين ممبئي) | ٤ |
| ١٤. ماڊرن شري رام دشرت وارتا | نند هندوجا (ممبئي) | ٤ |

| | | |
|---|---|---|
| ١٥. جيون آ مذوبن | وليرام ڪشناڻي (آديپور) | ٤ |
| ١٦. ٻوجھ | سريش ٻبلاڻي (اَجمير) | ٤ |
| ١٧. مهربان ماڏوي | ڪملا گوڪلاڻي (اَجمير) | ٣.٨ |
| ١٨. اسپيشل چيڪنگ | نند هندوجا (ممبئي) | ٣.٧ |
| ١٩. ڪاڪو گوپالداس | هولارام هنس (ٿاڻي) | ٣.٣٣ |
| ٢٠. ڪاري سونهن | رُڪمڻي سندر پنجابي (پونو) | ٣.٣٣ |
| ٢١. اَڌ ڦاٿل پنو | روي ٽيڪچنداڻي (دهلي) | ٣ |
| ٢٢. سوارٿ ٻنان پيار | ساوتري ٿهلياڻي (ممبئي) | ٣ |
| ٢٣. سس جو خون | هرداس پهوجا (ٿاڻي) | ٢.٣٣ |
| ٢٤. ڪڏهن ڪروڙ ۾ ڪمائتو ٿيندو آ | هنس پوڄراج (ممبئي) | ٢.٣٣ |
| ٢٥. سچ ۾ پاڇا | پورڻ لعل ٿهلياڻي (ممبئي) | ٢.٣٣ |
| ٢٦. مالتي | ساوتري ٿهلياڻي (ممبئي | ٢.٣٣ |
| ٢٧. ٽرئجڊي | نند هندوجا آنند (ممبئي) | 0 |

هيءَ چٽاپيٽي شري سندر منگهناڻيءَ پاران (شري شيام سچانندداڻي معرفت) رٿي ويئي. پهريون نمبر ڪهاڻيءَ کي هڪ هزار روپيا، ٻيون نمبر ڪهاڻيءَ کي پنج سوَ روپيا، ٽيون نمبر آيل ٽن ڪهاڻين کي اَڍائي اَڍائي سوَ روپيا انعام ڏنا ويا.


**Radha Soami Enterprise**

Dealer for
Art Silk & Cotton Carpets,Woolen Carpets
& Bed Sheets made at Tamilnadu & Agra

**DAZ - 66 A, Adipur (Kutch) 370205**
**Phone: M - 9726838361, L - (02836) 261266**



## طنزيہ گيت/ اَرجن حاسد

هِنَ هُنَ وت ڪنڌ جهڪائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻ پڏائڻ وارا سنڌي

١. پنهنجي ٻولي ٻہ نہ ڄاڻن ٿا
پئسن کي صرف سڃاڻن ٿا
سي ماءُ جي ٿڃ لڄائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻُ پڏائڻ وارا .......

٢. هو ڇرڪن ٿا وهنوار ڪندي
تہ ٻہ مرڪن ٿا واپار ڪندي
گهر پنهنجن جو ٻہ ڦٽائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻُ پڏائڻ وارا .......

٣. ڪئن هرڪنهن کي ريجهائن ٿا
پو مال اڪيلو کائن ٿا
هڪ رؤنشو روز ٻڻائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻُ پڏائڻ وارا .......

٤. نارايڻ 'شيام' نہ ياد اَچن
سو نانءُ ٻڌِي ٿا پڻ پڻ ڪَنِ
شاعر جو شان ٻلائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻُ پڏائڻ وارا .......

٥. هن قوم جو هاڻي ڇا ٿيندو
حاسد سو درد ئي جهوري ٿو
سڀ پنهنجو ڏهل وڄائڻ وارا سنڌي
۽ پنهنجو پاڻُ پڏائڻ وارا .......

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**



# غزل/واسديو موهي

پتين چتين سان نهندو ناهين
مرڪون گهر جون ڏسندو ناهين

ها، تو تہ ڏنو هو سرنامو
اُتي مگر تون رهندو ناهين

منزل تنهنجي پنيان اَچي پئي
ڪنڌ ورائي ڏسندو ناهين

جڏهن بہ تون گُلُ ڏيندو آهين
ڪِلي پوان چو، پڇندو ناهين

ورق لڳل سڀ ڳالهيون تنهنجون
ڪليو ڪليو ڪجهہ چوندو ناهين

ڍڪي رکين ٿو سڏڪا پنهنجا
تون بازاري لڳندو ناهين

قايم چابيءَ سان در کولين
خوشبو جيان گهر گِهڙندو ناهين

**A-355, Nayan Nagar,**
**Sahijpur Bogha**
**Ahmedabad-382345**



نظم/ڏولت راهي

# رنگ روپ : آواز : احساس

۱. رنگ روپ ڏنو تو آهه ڪڏهن؟
گُلڙن تي ماڪ جي قطرن جو،
ٽهڪاري هيرَ جي جهونڪن جو،
پريات جي ڪومل ڪِرڻن جو،
پکيڙن جي مِنڙين لاتين جو!

رنگ روپ ڏسي سگهندين ڪِئن پو؟
ٻچپن، جوڀن جي سپنن جو،
شرميلين مُرڪن، جذبن جو،
معصوم اُمنگن، اُڌمنِ جو
تيزيءَ سان ڪچندڙ ساهنِ جو!

رنگ روپ ڏنو تو آهه ڪڏهن؟
رنگ روپ ڏسي سگهندين ڪِئن تون؟

۲. آواز ٻڌو تو آهه ڪڏهن؟
پوپٽ جي پرن جي ڦڙڪڻ جو،
جل ٻِن مڇليءَ جي تڙڦڻ جو،
ديپڪ جي لاٽ جي ڪنبڻ جو،
ڪومل مکڙيءَ جي چٽڪڻ جو!

آواز ٻُڌي سگهندين ڪئن پو؟
نازڪ جذبن جي ٽڙڪڻ جو،
ڪنهن گهايل دل جي ڦٽڪڻ جو،
ٽُٽندڙ وشواس جي لرزڻ جو
تنها راتين جي سُڏڪڻ جو!

آواز ٻُڌو تو آهه ڪڏهن؟
آواز ٻُڌِي سگهندين ڪئن تون؟

٣. محسوس ڪيو تو آهِه ڪڏهن؟
خاموشيءَ جي گهرائيءَ کي،
رڳپت جي سرد سَهائيءَ کي،
گونگن لُڙڪن جي وائيءَ کي،
خالي من جِي موڳائيءَ کي!

محسوس ڪري سگهندين ڪئن پو؟
تون گهرِي پيڙَ پَرائيءَ کي،
پريمين جي درد جُدائيءَ کي،
فرقت جي ويڳاڻائيءَ کي،
مايوسيءَ ۽ تنهائيءَ کي،

محسوس ڪيو تو آهِه ڪڏهن؟
محسوس ڪري سگهندين ڪئن تون؟

6, Sawar House,
Srinagar Road,
Ajmer - 305007

# ڪوتائون/پريم پرڪاش



- ا -

اُٺلو
ڪُوڙ سچ کي ڏمڪائي رهيو آهي :
مان تنهنجو پردو فاش ڪندس
ڪن ماڻهن توکي پردي ۾ رکيو آهي
ڪن اندر ۾ لڪائي
ڊرپوڪ، تنهنجو تصور ئي تڏهن آهي
جڏهن منهنجو وجودُ آهي
مان هر ماڻهوءَ جي
ڳُجهه ڳوه ۾ پسنديده ضرورت آهيان
اَڙي ڪمينا سچ
تنهنجو جيڪو بہ پاسو ڪٽي ٿو
بعد ۾ تنهن جا ئي پاسا پچن ٿا
يا وري
جنهنجو تون پاسو ڪٽين ٿو
اُنجو پاسو ڪٽڻ لاءِ
ٻيو ڪوئي بيهي ئي ڪونہ ٿو

منهنجي شرط ۾ ايندين نپاڳا
نهايت سکي سهنجو موُت مرندين
چار ڪانڌي بہ توکي نصيب ٿيندا
پڳڙين تي وڏيون هستيون
طرح طرح جون حيثيتون
هر عام ۽ خاص
اَچي گڏ ٿيندا، چوندا
سچ ڏاڍو پلو هو
هميشه چُپ چُپ لڪو رهندو هو
ايشور کي سندس ضرورت هوندي!

- ٢ -

ماڻهو آهي
دماغ ۾
اَکين ۾
چپن تي
زبان تي
منهن ۾
نڙيءَ ۾
دل ۾
سيني ۾
پيٽ ۾
هٿن ۾
پيرن ۾
اَلائي ڇا ڇا ڊوئيندو ٿو رهي
بڙ بڙ يا لفظ ڳالهائيندو ٿو رهي
ماڻهو آهي

**D/64/1018,**
**P.O. Krishnanagar**
**Sahijpur Bogha**
**Ahmedabad - 382346**

# تصويرون/لکمي ڪلاڻي



١. موٴت ڪاري ٻات
ٽمٽمائي جهوپڙيءَ ۾
جيون جي لات

٢. دمينتي جو سُهاڳ
ستل ڇڏي جهنگ ۾
ڏيئي ويس ڏهاڳ

٣. اَکين تان ڌُنڌ هٽاءِ
چٽنگ پيدا ڪري پاڻ مان
ديپ اَندر جو جلاءِ

٤. پائي ٻچيءَ ڳل پاند
ٻاري ڏيئو ٿي تلسيءَ تي
اَچي جلد، شل ڪانڌ

٥. معمولي هڪ اِنسان
سڃاڻي پنهنجو پاڻ کي
ٻڻجي ويو ڀڳوان

٦. غريبن جون جهوپڙيون
وساميل چلهيون چوڌاري
آباد مندر مڙهيون

٧. زالن کي ڪم نه ڪار
ڳُجَرَ پچائي ويو ڳوڳڙوُ
اهائي پرائي پچار

٨. مونا ليسا جي مُرڪ
اندر اُجرو ڪيو ڪنهنجي
سونهن جي مهڪ

٩. بي بها سرمايو ٻٽيون
تنهنجي پلڪن جي ڇانو ۾
ڳهاريم جي ڳهڙيون

١٠.بارش جي هيءَ ڪار
وار ڇوڙي ڦوهاري هينان
وهنجي ويٺي نار

١١.بارش پنل پهاڙ
جهر جهر وهن ٿا جهرڻا
نديون نارا ٽمٽار

١٢.اُڀري اُڀ ۾ اِندلٺ
جلترنگ ٻڌجي بادلن
ڇيڙيو راڳ سورٺ

١٣.پهرين پاڻ سُڃاڻ
آرسيءَ جي هر صورت ۾
تنهنجو ئي اُهڃاڻ

١٤.ڇم ڇم ڪن پازيبَ
مور ڊيل جو ناچ ڏسي
مڇريا اورنگزيب

**6, Maleer, Ward 4-A**
**Adipur - 370205**

كوتا/پيتامبر شرما

## دل جي دريءَ مان

١. ڏيئي غم جدائيءَ جو مونکي ڇڏي وئينءَ اڪيلو،
سندر ٻڌجي پيار مان مونکي ڪري وئينءَ اڪيلو.

٢. تنهائيءَ جي عالم ۾ ساريان توکي ڏينهن رات،
من تڙڦي ٿو، دل ڌڙڪي ٿي ڪيئن وساريان ڏينهن رات.

٣. نيڻ نماڻا ڪٺي پيو نهاريان سِڪ ۾ تو لاءِ،
ترس نہ آهي دِلِ ۾ تنهنجي هرگز مون لاءِ.

٤. وڇڻ واري ڪي وڇڻو هو نہ روڪي سگهيو اُنکي،
قسمت جي ڪڙي هئي مضبوط نہ ٽوڙي سگهيو اُن کي.

## من مندر جي ديوي

١. دِلِ ويران آهي اَننت پريم جي آهي پياس
اَچي وساءِ پيار جي ورشا، مٽي من جي پياس.

٢. دل ۾ آهي غم جي اونده جو گهرو اَنڌڪار
ڪري روشن پيار سان هردي کي اَچي مٽاءِ اَنڌڪار.

٣. دِلِ ۾ آهي غم جدائيءَ جو، مرجهايل آهي دِلِ جو گلشن
اَچي ڏي درشن پيار جو، تہ ٽِڙي دِل جو گلشن.

# پيار جي ديوي

١. پوريون چمڪيليون دلڪش هيون هنجون سندر اَکڙيون،
چنچل من موهيندڙ هيون هنجون مست نظرون.

٢. هنجي ناز ادائن ۾ هو پريم اُمنگن جو انوکو اَنداز،
گونجي رهيو آهي هردي ۾ سندس ڪومل سُريلو آواز.

٣. مٺڙ مسڪراهٽ هوندي هئي هنجي سندر مکڙي تي هردم،
سندس مٺڙ سُريلي آواز سان وسري ويندو هو غم.

٤. گهر ۾ آيل مهمانن جي ڪندي هئي آجيان، خاطرداري،
سوادي طعام تاهي مهمانن لاءِ، ڪندي هئي پورڻ جوابداري.

٥.گرهست ڌرم جو فرض اُتم هئي آدرش ناري،
ٻارن جي اُتم پالنا ۾ هئي ماتا مهان پياري.

٦. گرهست جيون جي غلام هئي سچي ديوي سجني پياري
چڙهي اڪيلو مونکي ڏک ۾ سجني سُرڳ لوڪ پڌاري

٧. ڳچ عرصو رهي بستري داخل مرڪندي تون سمائجي
شو شنڪر جي پوجا ڪري اُن ڏينهن مزي ۾ جتي پراڻ چڙهايئين

٨. من مندر جي ديويءَ کي ڪريان ٿو اَرپڻ پيش پريم سان
پوجيان سدا پيو هميشه هردم سجنيءَ کي اَمر پريم سان

# مشڪندڙ چهرو

١. هردي ۾ هردم پيو پسان مشڪندڙ چهرو تنهنجو،
جهاتي پائي دِلِ ۾ ٿو ڏسان معصوم مُکڙو تنهنجو.

٢. وَڄي ٿي ڪنن ۾ هردم، تنهنجي کِلَ جي مٺي گونجار،
جيئن وڄي ٿي ويڻا جي مَڌُر سُرن جي جهنڪار.

٣. روُپ نگر جون ناريون گهمنديون گهٽيئي ڏنم،
پريم جي ديوي تو جيان ڪڏهن ڪانہ ڏٺم.

٤. ڇو ٿي سمجهين مسڪين پاڻ کي آهين وڏي شاهوڪار،
دِل جي دؤلت تو وٽ، محبت جي ملڪيت بيشمار.

٥. غَمُ ڇپائي اندر ۾ مشڪين مُرڪين ٿي سدا،
سور سانڍي هردي ۾ کلندي رهين ٿي سَدا.

٦. ڳائينِ شاعر پريمي مَڌُر گيت پيار جا،
تنهنجي مَڌُرُ واڻيءَ ۾ آهن سمايل سوز پريا جذبا پيار جا.

٧. سَهي ڏُک دنيا جا گيت خوشيءَ جا ڳائين ٿي،
پيغام پيار جو ڏيئي جوت پيار جي جڳائين ٿي.

٨. مَنُ پنهنجو ماري ورتُ تپسيا جو ڌارين ٿي،
خوشي ڏيئي ٻين کي ڏُک تياڳ جو پارين ٿي.

٩. اظهار خوشيءَ جي مشڪ ۾ آهي پر دِلِ ۾ اٿئي راز،
راز تہ ٻيو ناهي پر دِلِ ۾ سانڍيو اٿئي پيار جو راز.

١٠. وِڇڙي ويئي آهين مون کان پر وڇوڙو آهي جسماني،
دِلِ جو سنٻنڌ آهي دل سان، آهي سچو پريم روحاني.

١١.دور رهي بہ توکان ڪريان ٿي توکي ياد،
اُڪريل آهي دِمِ ۾ منهنجي اُهو مشڪندڙ چهرو شاد.

١٢.تنهنجو منهنجو ٿيندو ميلاپ اندر ۾ اٿم آس،
پُنر جنم ۾ ملنداسين پاڻ ۾ اٿم پورن وشواس.

**423 Vivan Way, Jones Town,**
**P.O. Box 7725, Tamuning Guam 9693**



# غزل / اَرجن چاولا

نئين ڪا پرھہ اوپر ڪان ڦُٽي ھا!
۽ ڪاري ٻات اونده ڪجھہ ڇٽي ھا!

ھلي ھا ھيِر ڪا پنھنجي اَڱڻ ۾،
ھي راتوڪو نشو جيڪر ٽُٽي ھا!

نئون ڪو گيت گونجي ھا گگن ۾،
پراڻي راڳ کان پيڇو ڇُٽي ھا!

حياتي ڪاتجي ھا قيد ۾ پل
پر ھيئن جيئري نہ جيڪر دم گُھٽي ھا!

محبت- پيار جو اَڻکٽ خزانو
جي ونڊجي ھا، وراثت ڪيئن کُٽي ھا!

جيئڻ جو لطف پڻ ماڻي وٺي ھا،
رڳو جيءَ جان سان جيڪر جُٽي ھا!

سمنڊن کان وڏو درياه دل جو
ٽٻيءَ سان بي بھا موتي لُٽي ھا!

ھوا ۾ تير اُڇلائڻ کان بھتر
چِٽائي ڪو نشانو ئي ڇُٽي ھا.

**6/198, Street No.1,**
**Nai Basti, Aligarh-202001**

## آزاد نظم / گوپ گولاڻي

### ’پاڇو‘

سياري جي
اُڀرندڙ سج جي
ٿڌيءَ اُس ۾
مان جڏهن اَڇي وينس
تہ منهنجو پاڇو پيو
اَڇي اَڳيان بينو.
مون وانگر ئي کيس
ٻہ هٿ هئا
ٻہ ٻانهون هيون
۽ سِرُ هو.
قد ۾ اَلبت
مون کان وڏو هو.
پاڇو مون کي ڏسي
مشڪندو رهيو.

جئن جئن
سج چڙهندو ويو
پاڇي جو قد ٻہ
ننڍو ٿيندو ويو.
پاڻ کي گهٽجندو ڏسي
پاڇي روئي ڏنو
۽ مان مشڪندو رهيس!

### ’هڪ ئي مٽي‘

هڪ گينڊو
هڪ هرڻي.
ٻنهي کي گڏ ڏسي
جهنگل جا جانور
ٽهہ ٽهہ ڪري کلڻ لڳا!

ليڪن
هڪ ڇايادار وڻ هينان
وينلُ هڪ الله لوڪُ
ٻنهي کي گڏ ڏسي
مستيءَ ۾ پرجي ويو.
چيائين : ڇا ڪمال آهہ!
هڪ ئي مٽي
ٻن قالبن ۾!!

### ’ڪٽيل پٿر‘

مان
هڪ اونچي پهاڙ جو
هڪ ڪٽيل پٿر آهيان.
سدائين هيٺ
ڪرندو رهان ٿو.
ڪرندي ڪرندي
منهنجا ڪنارا ٽُٽا آهن،
منهنجون ڪُنڊون ڪٽيون آهن،
مان پنهنجي اصلوڪي شڪل وڃائي
بي شڪل بڻجي ويو آهيان.

برساتيون پچائن ٿيون مون کي،
هوائون سڪائن ٿيون مون کي
۽ تيز ڪرڻا جلائن ٿا مون کي.
مان گهسجندو رهان ٿو
گهٽجندو رهان ٿو.
شايد ڏاراتل تائين
پهچندي پهچندي
خاڪ ٿي وڃان!

**F. H/202, Scheme 54, Vijai Nagar,
INDORE - 452010**



# غزل/ نارو سي. گرناڻي

-١-

آنڌ ڌنڌ گوليون باهيون شعلا،
هڪ ٻئي جا سي دشمن ٻڻيا.

لاش ڪٽي ويا جن ماڻهن جا،
مائٽ سي سڀ تنهنجا منهنجا.

ڪو کهڙو آ، ڪو آ کهڙو،
پنهنجن جا ئي آهن پاڇا.

ويس ٻہ سادو، سادو جيون،
جهونيون جايون، سوڙها رستا.

رات سڄي سياري جي لنبي،
پاڪر ۾ تڙقن ٿا جوڙا.

'نارو' امرت ويلو آهي،
يوڳي پلٽي ماري ويٺا.

-٢-

جئہ جئہ جا ئي نعرا آهن،
ماڻهو سڀ ويچارا آهن.

مرڪ اُنهن جي هاٿي واري،
جن جا سڀ ڪم ڪارا آهن.

بادل گرجن، ٻجلي چمڪي،
وڏ ڦڙو وسڪارا آهن.

چوسي ويا ائن رَسُ گُلن جو،
ماکيءَ جا مانارا آهن.

توکي مونکي اک پڇن ٿا،
آسمان جا تارا آهن.

شهر جا سڀ بدمعاش ئي 'نارو'
هرهنڌ نالي وارا آهن.

**39, Ashray Bunglows,**
**Nr. Indra Bridge,**
**Hansol, Ahmedabad - 382475**



# غزل/جئرام ديپ 'چمناڻي'

قرب ڪنهن سان نہ چنڻ ايندو آ،
پيار سڀ سان ئي ونڊڻ ايندو آ.

١. منهنجي طاقت کان مٿي جو ڪم آ،
مُرڪ سان تنهن کي چڏڻ ايندو آ.

٢. ڪو جي طعنا بہ هڻي ٿو وينو،
صبر سان تِن کي سهڻ ايندو آ.

٣. هام خالي جو هڻي پيو هرهنڌ،
مون کي تِن مان نہ ٿيڻ ايندو آ.

٤. زندگي بد نہ گذارڻ چاهيان،
اُن کان پاسو ئي ڪرڻ ايندو آ.

٥. ساهہ سڀ کي ئي ڏيان هرهنڌ پيو،
پيارُ سِڪ سات ڏيڻ ايندو آ.

٦. 'ديپ' منزل ڏي تہ رستو ٽيڙو،
ڍنگ سان تہ بہ تہ وڃڻ ايندو آ.

**Kamla Kunj, Bunglow No 20-A**
**Bunglaw Area, Kubernagar,**
**Ahmedabad-382340**

# ڪوتا/ رتو ڀاٽيا

ڪڏهن جڏهن لکڻ ٿي چاهيان
زندگيءَ جي باري ۾، تہ اَکر نٿا لڀن.
زندگي جهڙي بہ آهي، هڪ گهر وانگر آهي،
جنهن ۾ هڪ وڏو دروازو آهي، ۽ دريون بہ آهن
اِهو ٻڌائيندي، تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن،
ڪنهن نہ ڪنهن رستي مان ٻاهر وڃڻو آهي.
پر من نٿو مڃي، وڪوڙيل ٿو رهي،
۽ وري گُهر ٿو ڪري، وڌيڪ ۽ پيار جي،
هر گهڙيءَ زندگيءَ جو چاهہ وڌندو ٿو وڃي.
سڀ هن من جي راند ئي تہ آهي،
زندگي تہ ايتري تي بہ نٿي بيهي.
هلندي ٿي رهي اَڳيان ۽ اَڳيان،
۽ ڏيکاريندي ٿي رهي، نرموهي آڱر ڪڍي،
دروازا ۽ دريون، تہ وڃڻو آهي هڪ ڏينهن، ها هڪ ڏينهن.

**Apna Nagar,**
**Gandhidham**

## سنڌي ۽ سنڌي ڀاشا

فخر سان چئون سڀ اسان سنڌي آهيون
سنڌيءَ ۾ لکون ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهايون.

پنهنجن گهرَنِ ۾ هنديءَ ۾ ڳالهائي
مِٺي ماءُ جي ٻولي ڇو ٿا لڪايون؟

هِندي اَنگريزي ٻه آهي ضروري
سنڌيءَ سان ملون جِتِ، سنڌيءَ ۾ ڳالهايون.

اَسان ٿا لڪايون اَصليت جا آهي!
سنڌي سڏائڻ ۾ ڇو ٿا ڪيٻايون؟

سنڌيءَ جي ڪا ’ڪافي‘ سنڌيءَ جون ڪي ’وايون‘
سدا گُنگنايون ۽ ڳائي سُڻايون.

جي ٻولي وئي پوءِ باقي ڇا بچندو؟
اَچو سڀ مِلي پنهنجي ٻولي بچايون!

اَڄان ڀي اکين ۾ جي ڪجهه شرمُ آهي
مٺي ماءُ سان ناتو ’ڪومل‘ نِڀايون.

## 'اَنڌا - موڙ'

راهن ۾ جيئن
اَنڌا موڙ
اَلائي ڪيترين زندگين
تباهُه ڪندا رهيا آهن
تيئن ئي
بيشمار زندگيون
گذرن ٿيون
جيون جي
اَهڙن اَنڌن موڙن تان
جتي
عرصي کان پلجندڙ اَرمان
دلين جا اُمنگ
من ۾ دبيل لالسائون
اَڌوريون - اَڻپوريون
رهجي وڃڻ سبب
دل - شڪستيون ٿي
آخر
ٽوڙي ٿيون ڇڏين
دمُ.
ضروري آهي
بچڻُ
اَنڌن موڙن کان؟

## 'سپنو'

سچ ۽ ڪوڙ جو
جهڳڙو
اَيامن کان هلندو پيو اَچي
سچ ئي هردمُ
هارايو آهي!
فتويٰ ڏيندڙ عملي کي
ڪوڙ
شايد ڪجهه ڪرايو آهي!!
هميشه اِئين ئي
ٿيندو رهيو آهي
پرشٽاچار جي ديوار پٺيان
ڪوڙُ
جام مٿان جام
پيئندو رهيو آهي!
۽ سچُ
ڪشٽن ۾ ئي
سُڏڪي - سُڏڪي
جيئندو رهيو آهي!!
اَلائي ڪڏهن
سچ جو وارو ورندو
۽ ڪوڙُ
ٻُڏي مَرندو.

**Anupam tredars**
**Soneta Complex,**
**Kala Mandir Road, Rewa - 486 001**



# ڪلاڌر مُتوا

پورو نالو : ڪلاڌر مُتوا

جنم : ا جون ١٩٦٧ع

جنم آستان : پناهواري

تعليم : مئٽرڪ ١٩٨٧ ۾ (گجراتي ماڌيم سان)

پيشو : ماستري

ڇپيل ڪتاب : سنڌيءَ ۾ (اَصلوڪا)

- موتيءَ داڻا ( ڪهاڻي سنگره - ١٩٩٩)
- گيت متون جا (لوڪ گيتن جو سنگره -١٩٩٩)
- رڻ جا رنگ (ناول - ٢٠٠٢)
- لوڻ جو قرض (ڪهاڻي سنگره - ٢٠٠٣)
- تگڙ (اَڻ ڇپيل ڪهاڻي سنگره)
- گهات تو گهوگهات ڪري - ٢٠٠٧
- (ڪڇي ٻوليءَ ۾ شيخ اَياز جي 'پتڻ تو پور' ڪري جو ترجمو

مشغوليون :

- ٻني سنڌو سيوا سنگهه، جو فائونڊر سيڪريٽري
- (سنستا ٻني علائقي ۾ سنڌيت سان سنسلڪ تمام پرورتيون ڪندي آهي)
- گجرات سنڌي اَڪادميءَ جو ميمبر
- ٻنيءَ جي لوڪ اَدب کي ڪٺو ڪرڻ وارو ڪم آڪاشواڻي ڀڄ جو مانيه ليکڪ (ڪهاڻيون، ء

شاعريءَ کان علاوه ٻني علائقي جي ٻارڙن جا سنڌيءَ ۾ ريڊيو پروگرام تيار ڪري پرسارت ڪرايا آهن.)

سنمان ۽ اِنعام :

- موتي داڻا ڪتاب کي ٻيون پرسڪار، گجرات سنڌي اڪادمي - ١٩٩٩
- گهاٽ ٿو گهوگهاٽ ڪري ڪتاب لاءِ گجرات
- ڪڇي اڪادميءَ طرفان ٽرانسليشن پرسڪار ٢٠٠٨
- پريميلا ڪرووا فائونڊيشن، ڪڇي ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون انعام ١٩٩٨
- ڪونجل جي ڪڻڪار، ڪڇي ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون اِنعام ١٩٩٨
- راجستان سنڌي اڪادمي. اکل ڀارت ڪهاڻي اسپرڌا ۾ ٻيون پرسڪار - ١٩٩٨
- ڏن سک اَجاڻي، ڪڇي ڪهاڻي اسپرڌا ۾ آشواسن پرسڪار - ١٩٩٨
- سنسمرتي، گجراتي ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون پرسڪار - ١٩٩٩
- راجستان اڪادمي، اکل ڀارت ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون پرسڪار - ٢٠٠٥
- ڪڇي ساهتيه سنگهه طرفان منعقد ڪهاڻي اسپرڌا ۾ ٻيون پرسڪار - ٢٠٠٩
- رچنا طرفان منعقد ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون پرسڪار - ٢٠٠٩

سرنامو :

**Post Ghorewari,**
**Dist. Kuch - Bhuj - 370510**

**email : bannisindhu@rediffmail.com**
**Mobil No. 09427201093**



## چٽاپيٽيءَ جي پهريون نمبر ڪهاڻي
## ڪلاڌر مُتوا

# ايرڪا

هي ڀڳوان! هي ڪُتيون ڪيڏيون نه نصيبدار آهن، جيڪي هھڙا سٺيا ڀڪوان پروٺا کائي نرم-نرم سوفائن تي ويٺيون آرام سان زندگي بسر ڪن. ڪين نه کائڻ جو فڪر نه ڪمائڻ جي چنتا. اسان جي ڀونگيءَ ۾ سوفا سيٽ ته نهيو، ڪا ڦاٽل ٽٽل رِلي به ڪانهي. ٻورن تي سمهي رات ڪاٽيندا آهيون، ۽ ڪنهن طرح زندگيءَ جا ڏينهن گذاريندا آهيون. ايشور تنهنجي ليلا نياري آهي، تون جنهن کي ڏين تنهن سان ڀلا ڪنهن جي ريس؟!!!

بنگلي ۾ داخل ٿيڻ شرط ٿن - ٿن ڪُتين کي سوفا سيٽ تي آرام ڪندو ڏسي رمليءَ جي منهن مان الفاظ ڪيئن ۽ ڪڏهن نڪري ويا جنهن جي هن کي سمڪ ئي نه رهي.

هوئن ته رمليءَ کي هھڙي عاليشان، آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ بنگلي ۾ گهڙڻ به ڪير نه ڏئي، پر سندس ماءُ رَدي وٺڻ وارو ڏنڊو ڪندي هئي. ماءُ - ڌيءَ روز هتان ڪان لانگهائو ٿينديون هيون. جن کي ميم صاحب جي نوڪر ڏسي، ردي ڏيڻ لاءِ سڏ ڪيو، ته رملي به ماءُ سان گڏ بنگلي اندر هلي وئي هئي، ۽ ڪُتين کي هيئن آرام ڪندي ڏٺائين.

ماءُ - ڌيءَ بنهي اڻ ڄاتلن کي گهر ۾ داخل ٿيندو ڏسي ننڍيون ڪتيون اُٿي ڀونڪيون، جڏهن ته وڏيءَ ڪتيءَ صرف ٿورڙيون اکيون کولي هنن ڏانهن نهاريو ۽ وري اکيون بند ڪري سمهي رهي. هنن جو فرض جڻ صرف ڀونڪي نوڪر يا سڪيورٽيءَ واري کي چتاءُ ڏيڻ تائين محدود هو، پوءِ نوڪر ڄاڻي، سڪيورٽيءَ وارو ڄاڻي، هنن جو فرض اتي پورو ٿي ويو.

ٻئي اَچي دروازي جي ٻاهران وينيون. ميم صاحب پنهنجي روم مان ٻاهران نڪري رهي هئي. اڄ آرتوار هو، پر پوءِ بہ هوءَ تيار ٿي، نڪري رهي هئي، شايد ڪنهن ضروري ميٽنگ ۾ وڃي رهي هئي. ڪيس پنهنجي ڪمري مان ٻاهران ايندو ڏسي ٻئي ڪتيون اُٿي بينيون ۽ سندس هٿ پير چٽڻ لڳيون، ڄڻ پڇي رهيون هيون تہ ’ڇا اَسان بہ گڏ هلون؟‘ وڏي هونئن ئي ڪنهن مهاراڻيءَ جيان آرام ڪري رهي هئي. هن ٻنهي جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ چيو ’پُٽ مان هڪڙي ضروري ميٽنگ ۾ وڃي رهي آهيان، شام جو گڏجي گهمڻ هلبو، تيسيتائين ويهي آرام ڪريو.‘

’ڇو سندري بيٽا تون خاموش ڇو آهين، مون کان ناراض آهين ڇا؟‘ هن وڏي ڪتيءَ کي خاموش وينل ڏسي پڇيو. هن موٽ ۾ ٿورو پڇ لوڏايو، ڄڻ چئي رهي هئي تہ بس ائين ئي ٿوري طبيعت ڍلي اَٿم ان لاءِ ٿورو آرام پئي ڪيان.

ميڊم ٻاهر هلي وئي، ۽ شاهي گيٽ وٽ بيٺل ڪار ۾ وڃي ويٺي تہ ڊرائيور ڪار اِسٽارٽ ڪئي، ۽ ڪار رانياڻ ڪري رواني ٿي وئي. ٻئي ڪُتيون واپس اَچي سوفن تي ليٽي پيون. رَملي هڪ ڪن ۾ ويندڙ ڪار ڏانهن تي ڏنو تہ ٻيءَ ڪن ۾ ڪُتين ڏانهن.

نوڪر ردي پستي جيڪا گهر ۾ پئي هئي سا ڪٺي اَچي رَمليءَ جي ماءُ اڳيان ڍڳ ڪيو. جيويءَ مال جا پيسا اندازن، پوتيءَ جي پلوءَ مان ڇوڙي نوڪر کي ڏنا. سڄو مال پريءَ ۾ ٻڌي ٻئي خوش ٿينديون گهر ڏي هلڻ لڳيون.

گهر بہ ڇا هو، نالي ماتر گهر هو. هڪڙي پونگي هئي جا هن ئي علائقي ۾ هن بنگلي جي سامهون بہ روڊ پار ڪندي، گٽر جي ڪناري تي هئي.

رمليءَ جي پيءُ وٽ سني اَهڙي زمين هئي جنهن ۾ هو برساتي کيتي ڪندو هو. ۽ سال جي گذران جهڙو اَنُ اُپائي ونندو هو. ۽ آڏن ڏينهن ۾ بي محنت مزدوري ڪري گهر جو گاڏو گهليندو رهندو هو. پر جڏهن ڳوٺ ۾ هڪڙي ڪمپني آئي ۽ وڏي اَگهہ سان زمينون خريد

ڪرڻ لڳي ته، پيسي جي لالچ ۾ هن زمين ڪمپنيءَ کي وڪڻي ڇڏي. رَمليءَ جي پريوار زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هيترا سارا پيسا ڏٺا هئا. ذري گهٽ چريا ٿي پيا هئا. رمليءَ جو پيءُ جيڪو هاڻ سينين واري ادا ۾ گهمڻ لڳو هو. ڪارو باٽا جو بوٽ، اَڇا هرڪ جا ڪپڙا، مٿي تي رتو پٽڪو، ۽ هٿ ۾ سگريٽ. هڪڙي ڏينهن جڏهن هن گهرواريءَ کان موٽر سائيڪل وٺڻ جي اِجازت ورتي ته هوءَ ڪيس ٿورو وڙهي. ’هيئن جنهن تنهن جي پويان پيسا واپرائي ڇڏيندين ته آخر هي پيسا گهٽا ڏينهن هلندا. ٿورو سوچيو ته دوڪان واري واٽئي ڇيو پي ٿورا پيسا ڪٽي بئنڪ ۾ رکي اَڇو ته اَگهيءَ سگهيءَ ڪم اَچن؟‘ ائين جيويءَ مستقبل جي چنتا ڏيکاريندي چيو هو.

’اَڙي موٽر سائيڪل هوندي ته مزوريءَ تي وڃڻ ۾ به سهوليت رهندي‘ چئي ۽ بيون دليلون ڪري جکوءَ جيويءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هو ڪامياب به ٿيو.

جڏهن کان پيسا گهر ۾ آيا هئا جکو ڏينهون ڏينهن سست ٿيندو پي ويو. شروع ۾ ته ڏنڌو ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنائين. پر جيويءَ جي گهپيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن وري مزدوريءَ لاءِ هليو به ويندو هو. هاڻي هو اَڳ جيان ايمانداريءَ ۽ محنت واري مزدوري به نه ڪندو هو. مزو ايندو هئس ته ڪندو هو نه ته به بيڙيون پي واپس موٽي ايندو هو. مٿان وري رَمليءَ جي ماءُ وٽ اَڇي نخرو به پيو ڪندو هو. ڪڏهن چوندو هو ته گوڏن، ٽنگن ۾ سور ٿو ٿئي ذرا زور ڏي، ڪڏهن چوندو هو ته مٿو ڏُکي ٿو ذرا هلڪي هٿ سان سهلاءِ. جيوي مجبور هئي چو ته سڀئي پيسا هن وٽ هئا ان ڪري سندس سڀئي اَنگل آرا نه چاهيندي به سهندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن موقعو ملندو هو ته ’هيئن ويني ويني کائيندا رهنداسين ته آخر هي پيسا گهٽا ڏينهن هلندا؟ ڪو ڌنڌو پورهيو به ڪريو نه ته ڪٽي بک مرڻ جا نه ڏينهن اَچي وڃن،‘ چئي دل جي ٻاڦ ٻاهر به ڪڍي ڇڏيندي هئي.

’تون ڌنڌي روزگار جي فڪر چو ٿي ڪرين، جڏهن بک مرون ته چئج‘،

چئي هو جيويءَ کي سانت ڪري ڇڏيندو هو. رمليءَ جو ڏاڏو جيڪو هاڻي ويچارو اکين کان لاچار هو سو بہ نُنهن جي ڳالهہ ٻڌي نُنهن جي تائيد ڪندو هو؛ پر جکوءَ تي انهن ڳالهين جو اَثر چڻ پاڏي جي پنيءَ تان پاڻي.

گهر جو گاڏو هلندو رهيو. اوچتو هڪڙي ڏينهن پٽس کي هارٽ اٽئڪ آيو. کيس دواخاني کڻائي ويا. ڊاڪٽر چيو حملو ڏاڍو سخت آهي، دادا کي پندرهن ڏينهن کن I.C.U. ۾ اَئڊمٽ ڪرڻو پوندو. ائين خبر نہ پيئي، ڪيئن دوا دارون پويان پيسا پندرهن ڏينهن ۾ سِرندا ويا. ڊاڪٽر جي مهانگي في ادا ڪرڻ لاءِ موٽر سائيڪل جي بہ قرباني ڏيڻي پيئي. هيڏوسارو خرچ ڪرڻ بعد بہ دادا جي جان بچي نہ سگهي.

ائين هو بلڪل ڪنگال ٿي ويا. کائڻ جو بہ مسئلو ٿي پيو آهي. جکوءَ کي ڪي بہ سجهيو نہ ٿي. هو ڪري تہ ڇا ڪري، ويهي ويهي هڏا حرام جا جو ٿي ويا هئس.

جکوءَ جي هھڙي حالت جي خبر ممبئيءَ ۾ رهندڙ سندس دوست لکوءَ کي پيئي تہ هن جکوءَ لاءِ هڪڙي ننڍڙي نوڪري ڳولهي سندس سڄي پريوار کي ممبئي گهرائي ورتو. ائين جکو ريلوي ڪراسنگ جي پاسي ۾ گٽر جي ڪنڌيءَ تي هڪڙي پونگي ٺاهي ٻارن ٻچن سان گڏ رهڻ لڳو هو.

رَملي ڳوٺ ۾ هئي تہ اِسڪول ويندي هئي ۽ ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. هن اَڳتي پڙهڻ چاهيو ٿي پر ممبئيءَ ۾ سيپئي انگلش يا مراٺيءَ جا اِسڪول هئا. گجراتي اِسڪول بہ هئا پر اهي هن علائقي کان ڪافي پري هئا. ان ڪري کيس پڙهائي اَڌ ۾ ڇڏي ڏيڻي پيئي ۽ ماءُ واري ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لڳي هئي. هوءَ جڏهن بہ ڪنهن اِسڪول وٽان لنگهندي هئي تہ ٻارڙن جون منڙيون ڪلڪاريون ٻڌڻ لاءِ ٿورڙي دير لاءِ بيهي رهندي هئي. ۽ من ئي من ۾ پنهنجي بدقسمتيءَ تي روئي ڏيندي هئي.

بنگلي جي ٻاهران نهيل گيريج ۾ روز هڪڙي رتي بتيءَ واري ڪار اَچي بيهندي هئي. ۽ ڊرائيور دروازو کوليندو هو تہ هڪڙي ميم صاحب لهندي هئي ۽ سڌي بنگلي ۾ هلي ويندي هئي. جنهن کي

رَمليءَ ڪڏهن ڪڏهن ڪُتين سان گڏ پنهنجي اَڱڻ جي ساوڪ ۾ گهمندي ٻه ڏٺو هو. هن کي هي بنگلو اندر وڃي ڏسڻ جي ٻه وڏي تمنا هئي. هوءَ بنگلي جي چوڌاري ڪڏهن ڪڏهن چڪر ٻه هڻي ايندي هئي، پر مَنجهه وڃڻ جي هن کي ڪڏهن همت نه ٿي. ڇو ته گيٽ تي هميشه هڪڙو پهريدار بندوق سان پهرو پيو ڏيندو هو.

هوءَ انهن ٽنهي ڪُتين کي ڪڏهن ڪڏهن هن ڪار ۾ چڙهندي ڏسندي هئي؛ پر سمجهي نه سگهندي هئي آخر ماجرا ڇا آهي؟ هيڏي وڏي مائي ۽ ساڻس گڏ ڪتيون؟!!! عجب جهڙي ڳالهه آهي. ڪتا ته مالوندا ماڻهو پنهنجي مال يا گهر جي حفاظت لاءِ يا شڪار ڪرڻ لاءِ سانديندا آهن. يا وري پوليس وارا چور کي پڪڙڻ لاءِ پاليندا آهن. باقي هن مائيءَ جو ڪُتين سان ڪهڙو ڪم؟ هوءَ ڳوناٺي ڇوڪري ڪڏهن ڪڏهن سوچي سوچي ٿڪجي پوندي هئي، پر ڪنهن نتيجي تي نه پهچي سگهندي هئي، ڪيس اها خبر نه هئي ته شهر جا ماڻهو فئشن طور ٻه ڪتا پاليندا آهن.

هڪ ڏينهن هو ماءُ ڌيءُ رديءَ جون پريون کڻي ان بنگلي جي پرسان ئي لنگهي رهيون ته کين نوڪر سڏ ڪيو. نوڪر جو سڏ ٻڌي رمليءَ جي خوشيءَ جو پار نه رهيو. هن جي بنگلي جي اندر داخل ٿيڻ واري تمنا شايد اڄ پوري ٿي سگهي ٿي.

بنگلي ۾ داخل ٿيندي ئي هوءَ وائڙي ٿي ويئي. ڇا ته سجاوت ۽ سينگار هو بنگلي جو! هڪ ٻئي کان سونهن ۾ وڌن اَهڙيون خوبصورت شيون پيون هيون. وڏيون وڏيون ويڪريون ٽيبليون، شاهي ڪرسيون. وڏا آئينا جنهن ۾ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين سرير ڏسجي رهيو هو. رَملي ته بس ان آئيني ۾ پاڻ کي ڏسندي ئي رهي. ڪن ۾ کلي پئي ته پل ۾ مُرڪي پيئي. پرسان هڪ وڏو شوڪيس ٻه پيو هو جنهن ۾ اُچيون اُچيون شيون پيون هيون. وڏي اِسڪرين وارو ٽي. وي. ٻه هڪ طرف چالو هو جنهن ۾ چتر ائين ڏسجي رهيا هئا ڄڻ ته سنيما جو ڪو پڙدو هو.

جنهن شيءِ کي ڏسي هن کي سڀ ڪان وڌاري حيرت لڳي اهي هيون ٿي ڪتيون. جيڪي چانديءَ جي ٿانون ۾ ڳئونءَ جو تازو کير پي رهيون هيون. رَملي صبوح جو رُکو سُکو ڪائي سچو ڏينهن ماءُ سان گڏ شهر ۾ رديءَ پويان رُلي هئي. هينئر کيس ڏاڍي بُک لڳي هئي. هوءَ ڪتين تي سِڪي رهي هئي. هن ڏٺو ته وڏيءَ ڪتيءَ کير کي سنگهي، منهن وجهي ڇڏي ڏنو ۽ کير نه پيتائين. هن کي من ۾ ٿيو ته ٻوڙي اهو کير هوءَ پي وڃي، پر ماءُ جي دٻ جي ڪري هوءَ ائين نه ڪري سگهي.

ميڊم جي نظر هن ڪُتيءَ تي پيئي. 'ڇو پٽ، اڄ ڇا ٿيو اَٿو؟ کير پي پي بيزار ٿي پيئي آهين ڇا؟' ڪُتيءَ جي ڪن مٿان ڇهتل ڇڇڙ کي ڪڍندي چيو.

رامون! سندريءَ کي اڄ کير نه پيو وڻيس، هن لاءِ هڪ تازو پروٺو ٺاهي ڇڏ، ۽ سُڻ ڊاڪٽر کي به فون ڪري ڇڏ ته هو اَچي وڃي، سندري اَڄ مونکي بيمار پيئي ٿي لڳي. چئي هوءَ هلي ويئي.

ڪُتيءَ جي هيڏي شيوا ٽهل؟!! ٿوري سست پيئي ڏسجي ته ڊاڪٽر؟!!! کيس ياد آيو ته مهينو کن اَڳ هوءَ بيمار ٿي پيئي هئي، مليريا ٿي پيو هئس، اَٺ ڏينهن ساندهه بستري تي پئي هئي پر پڙس وٽ ايترا پيسا نه هئا جو سندس دوا درمل ڪرائي سگهي.

ڪُتيءَ لاءِ ڊاڪٽر ۽ پروٺن پڪوانن واريون ڳالهيون ٻڌي رَمليءَ جي پيٽ ۾ وري بک جي آنٽي پئي، هوءَ وري کير ڏانهن نهارڻ لڳي. هن کي ڪتيءَ جي جيون تي ايرکا اَچڻ لڳي. سندس منهن مان نڪري ويو، واه ڙي ايشور تون ڪرين سا ڪري، تنهنجا پيد تون ڄاڻين. تنهنجي ليلا، تنهنجي مهما نياري آهي!! ايندڙ جنم ۾ مونکي ڪنهن ههڙي سکي ستابي گهر ۾ ههڙي ڪتيءَ جو اوتار ڏجانءِ. هوءَ ڪتيءَ کي هڪ ٽڪ ڏسندي رهي.

**Post Ghorewari,**
**Dist. Kuch - Bhuj - 370510**

چٽاڀيٽيءَ جي ٻيون نمبر ڪهاڻي
ڳوپ ڳولاڻي

# خوف جو اَحساس

هوءُ جڏهن سنيما هال مان ٻاهر آيا تہ سيما موڳي موڳي ٿي لڳي، جنهن مان ظاهر هو تہ پڪچر ڏسندي سيما جي دل پرجي آئي هوندي. سيما جي آف موڊ ڏسي، پريم گهر هلڻ کان اڳ هوٽل ۾ ڊنر ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي، ليڪن سيما ڪِتوءَ جو بهانو ڪري ڳالهہ کي ٽاري ويئي. چيائين، ’گهر ۾ ڪتوُ اَسان لاءِ ڏسندو هوندو ۽ جي دير ڪنداسين تہ سمهي پوندو.‘ ڪتوُ سندن اڪيلو پٽ هو، جنهنجي پرگهور گهڻو تڻو سندس ڏاڏي لهندي هئي، ڇو تہ هي ٻئي ڄڻا نوڪري ڪندا هئا.

کين شادي ڪئي ڏهہ سال ٿي چڪا هئا. شادي سندن مائٽن فڪس ڪئي هئي؛ ليڪن شاديءَ کان اڳ هو هڪ ٻئي سان مليا هئا، هڪ ٻئي جو اِنٽرويو ڪيو هئائون ۽ هڪ ٻئي کي پاس ڪري پوءِ ئي شاديءَ لاءِ ’ها‘ ڪئي هئائون. پريم هڪ سرڪاري آفيس ۾ آفيسر هو ۽ سيما بہ هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾ سٺي عهدي تي هئي. گهر ۾ صرف پريم جي ماءُ هئي جا ڪتوءَ جي سار سنڀال لهندي هئي.

ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کانپوءِ بہ سيما پنهنجن خيالن ۾ گم هئي. اِهو ڏسي پريم چيو، ’مان ڄاڻان ٿو تہ تون بيحد ڀاوَڪ آهين، ليڪن پڪچر جي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙو تہ ڪجهہ ڪونہ هو. هڪ رواجي ڪهاڻي هئي جنهن لاءِ تو پنهنجي موڊ خراب ڪري ڇڏي آهي. سيما سواءِ ڪو جواب ڏيڻ جي جئن جو تئن گم سُم ويٺي رهي.

پريم ۽ سيما جي وواهڪ جيون بيحد ئي خوشگوار هئي. ڏهن سالن

جي ان لنبي عرصي ۾ ڪڏهن به هنن جي وچ ۾ ڪو متڀيد ڪونه ٿيو هو، ڪڏهن ڪا غلطفهمي ڪونه ٿي هئي، ٻنهي جو سڀاءُ سرل هو ۽ هوءُ هڪ ٻئي کي بيحد پيائيندا هئا ۽ پيار ڪندا هئا. ڪڏهن به ٻنهي جي وچ ۾ ڪا تڪرار جي نوبت نه آئي ڇو ته اَهڙي ڳالهه ٿيڻ کان اڳ هوءُ هڪ ٻئي جي سڀاءَ مطابق سمجهوتو ڪري وٺندا هئا.

پريم کي سيما جو هينءَ چپ ڪري ويهڻ ٺيڪ نه لڳو. هونءَ به چپ ڪري ويهڻ سيما جي سڀاءَ جي خلاف هو، پر اڄ ڪا ڳالهه هئي جنهن سبب هوءَ چپ هئي. انڪري ان چپ واري ماحول کي ٽوڙيندي پريم چيو، 'وواهڪ جيون جو سچو مدار هڪ ٻئي جي وشواس تي ٽڪيل آهي. جتي اُهو وشواس ناهي، اُتي غلطفهمي ٿيندي، شڪ شبها اُٿندا ۽ جيون وِهه ٻڻجي پوندي. پڪچر ۾ ممتا اَنيل سان دوکو ڪري پنهنجي بربادي ءَ جو ٻج ڇٽيو، جنهن جو ڪوڙو ڦل ته هڪ ڏينهن کيس ملڻو ئي هو.' ممتا پڪچر جي ڪهاڻيءَ جي نائڪا هئي جنهن اَنيل سان شادي ڪئي هئي. گهڻي عرصي ڪانپوءِ اَنيل کي ڄاڻ ملي ته شاديءَ کان اڳ ممتا هڪ ٻي شخص سان پيار ڪندي هئي، جنهن کي ڇڏي اَچي انيل سان شادي ڪئي هئائين. اِها ڳالهه هن انيل کان لڪائي رکي هئي. انيل کي جڏهن ان ڳالهه جو پتو لڳو ته کيس بيحد صدمو رسيو. ان ڏينهن ڪانپوءِ سندن زندگي زهر ٻڻجي پيئي، جنهن جو انت نيٺ وڃي طلاق ۾ ٿيو.

سيما چيو، 'ممتا پنهنجو راز لڪائي رکيو، ان لاءِ ڪا مجبوري هوندي'.

'ڀاني جو ٻيو نالو آهي مجبوري'. پريم چيو : 'شاديءَ کان اڳ ممتا کي جُڳائيندو هو ته پهرين پيار جي ڳالهه انيل کي صاف ٻڌائي ها. ائين نه ڪرڻ سان هن پيار جي پوتر ٻنڌن تي ٽڪو لڳائي ڇڏيو'.

'سچي پيار ۾ هردو ساگر جيان وشال ٿيندو آهي، ۽ جي اَنيل جو پيار سچو هو ته هوءُ ممتا کي معاف به ڪري ٿي سگهيو'. سيما موٽ ۾ جواب ڏنو.

'اَنيل جيڪي ڪيو اُها انساني فطرت آهي.' پريم چيو، 'ان جڳهه تي مان هجان ها ته شايد مان به ائين ڪريان ها.'

سيما پنهنجي ئي من ۾ چيو تہ هن مردن جي دنيا ۾، اِها اِنساني فطرت نہ پر مرداني فطرت ضرور آهي، ليڪن سيما چاهيندي بہ جواب ڪونہ ڏنو.

ٽئڪسيءَ اَچي ڪين گهر ڇڏيو. پريم ٿڪل هو، انڪري سمهڻ سان ئي ڪيس ننڊ وٺي ويئي. ليڪن سيما جي من ۾ اَشانتي هئي، انڪري ڪافي دير تائين پاسا ڦيرائيندي رهي. اڄ پهريون دفعو سندس من ۾ هڪ عجيب قسم جي خوف جو اَحساس ٿيڻ لڳو هو. سندس من ۾ شنڪائن جو طوفان ويو ٿي زور پڪڙيندو. ڪيس خوف ٿيڻ لڳو هو تہ سندس سونهري دنيا ان طوفان ۾ ناس ٿي ويندي. پريم جا چيل اکر تہ ان جڳهہ تي مان هجان ها تہ شايد مان بہ ائين ڪريان ها، وَرَ وَرَ ڪري سندس ذهن جي پڙدي تي بدصورت ڀوتن جي ڇايا وانگر نچڻ لڳا. سيما پاڻ کي هڪ ڏوهاريءَ جيان محسوس ڪرڻ لڳي ڇو تہ هن بہ ممتا جهڙي پُل ڪٽي هئي ۽ زندگيءَ جو هڪ اهم راز پريم کان لڪائي رکيو هو. ماضيءَ جو انيڪ تصويرون هڪ هڪ ٿي سندس آڏو ڦرڻ لڳيون.

دنيش سيما جو هم ڪلاسي هو. ننڍي هوندي کان ئي هوءُ هڪ ٻئي ڏانهن مائل رهندا هئا. ان جو ڪو خاص ڪارڻ بہ ڪونہ هو، بس ائين ئي هڪ ٻئي جي حاضريءَ ۾ خاص خوشيءَ جو احساس ڪندا هئا. ٻالڪپڻ جي ان ڪشش جوان ٿيندي ئي پيار جو روپ اختيار ڪيو ۽ هوءُ هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا. پهريائين تہ ٻنهي جي گڏجڻ تي سيما جي مائٽن کڏهن ڪو اعتراض ڪونہ ڏيکاريو؛ ليڪن سيما جڏهن سامائجڻ لڳي تہ سندس مائٽن کي اِهو سنٻنڌ ناگوار لڳڻ لڳو. ڪارڻ؟ تہ دنيش هڪ غريب گهر جو ڇوڪرو هو ۽ سندس پيءُ ڪنهن سرڪاري دفتر ۾ پٽيوالو هو. سماجڪ پهلوءَ کي ڌيان ۾ رکي سيما جا مائٽ هن سنٻنڌ کي سويڪار نہ ٿي ڪري سگهيا. ليڪن سيما پاڻ کي هڪ اُدار ويچار ڌارا وارو جيوُ ٿي سمجهيو ۽ سندس نظر ۾ غريب ۽ ڌنوان جي وچ ۾ ڪو ڀيد ڪونہ هو.

مسڪين حالتن سبب دنيش ڪاليج جي پڙهائي نہ ڪري سگهيو ۽ روزگار جي ڳولها ۾ لڳي ويو. سيما ڪاتي پيتي گهر جي هئي انڪري هن ڪاليج جي پڙهائي چالو رکي. هاڻي هي ٻئي الڳ الڳ جڳهين تي ملڻ لڳا. دنيش نيڪ ويچارن وارو جوان هو، جنهن اڄ جي سماجڪ رچنا ۽ ان جي رواجن کي چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي؛ انڪري هو پنهنجو آئينده چٽيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيو. هو بار بار سيما کي چوندو هو تہ هن رشتي کي اتي ئي ڪٽيو وڃي، ڇو تہ سيما جا مائٽ ڪڏهن بہ ۽ ڪهڙيءَ بہ قيمت تي هنن جو گڏجڻ سويڪار نہ ڪري سگهندا. پر سيما سدائين دنيش جي ڳالهہ کي ڪاٽي چوندي هئي، 'تون ان جي پرواهہ نہ ڪر. سڀ مون تي ڇڏي ڏي.'

۽ هڪ ڏينهن سيما دنيش کي ساڻ ڪري اَچي شادين جي دفتر ۾ پهتي ۽ رجسٽرار جي سامهون شاديءَ جي رجسٽر ۾ صحيح ڪري پنهنجي نئين رشتي تي پڪي مهر لڳائي ڇڏي. دنيش پڇيو، 'تون هي ڇا ٿي ڪرين، پنهنجن مائٽن سان تہ صلاح ڪرين ها.' جواب ۾ سيما کيس سمجهائيندي چيو هو، 'مون شادي ڪري تنهنجي خوف کي هٽائي ڇڏيو. هاڻي جيستائين مان پڙهائي پوري ڪري نوڪري ڪريان، تيستائين منهنجو انتظار ڪر. باقي رهيا منهنجا مائٽ، انهن کي مان معقول وقت اَچڻ تي ٻڌائيندس.'

ليڪن هنن جي شاديءَ جي ڳالهہ گهڻا ڏينهن ڳجهي نہ رهي سگهي. مائٽن ٻڌو تہ سندن پيرن هيٺان جڻ زمين ئي نڪري ويئي. سڄي گهر ۾ هاءِ ويلا مچي ويئي. 'سيما تو هي ڇا ڪيو! اَسانجو نڪ ئي ڪٽائي ڇڏيئہ! اسان تہ هاڻي ڪنهن کي بہ منهن ڏيکارڻ جهڙا نہ رهنداسين.' ليڪن سيما پنهنجي ڪيل فيصلي تي اڏول رهي.

سيما جو پيءُ هڪ تجربيڪار شخص هو. گهڻي هاءِ هاءِ ڪرڻ جي بجاءِ هو سيما کي پيار سان ۽ ترڪ سان سمجهائڻ لڳو. 'ڏس سيما، اسين تنهنجي چوائس (choice) جي حق کي مڃيون ٿا؛ پر اِهو

چوائس جو حق جڏهن غلط نموني ۾ استعمال ڪيو ويندو تہ پوءِ مائٽن تي بہ ڪا جوابداري بڻجي ٿي. ٻار جيڪڏهن آتم هتيا جو حق جتائيندو تہ مائٽ ڇا چپ چاپ ڪيس آتم هتيا ڪرڻ ڏيندا؟ تنهنجو هيءُ شاديءَ جو فيصلو بہ هڪ وناشي قدم آهي، جو توکي ناس ڪري ڇڏيندو.'

'ٻي ڳالهہ. تو جو هن سکي ۽ ستابي گهر ۾ جنم ورتو آهي، سو محض اِتفاق نہ سمجهہ. تنهنجون ڪي واسنائون آهن، جئن هرڪنهن کي هونديون آهن. انهن واسنائن ۽ سنسڪارن کي پورو ڪرڻ لاءِ توکي هي گهر معقول لڳو ۽ تو هتي جنم ورتو. هڪ مسڪين ۽ مفلس جي گهر ۾ تنهنجون اُهي لکل واسنائون ڪڏهن پوريون نہ ٿي سگهنديون؛ جنهن ڪري تون هميشه پاڻ کي نامڪمل پيئي سمجهندينءَ ۽ هميشه پيئي پاڻ سان ناراض رهندينءَ. مان مسڪينيءَ کي پيگوان جو سراپ نٿو چوان، پر دنيش يا دنيش جو پيءُ، جن کي سر لڪائڻ لاءِ جهوپڙي بہ ڪانهي ۽ جن جا سنسڪار ٻئي قسم جا آهن، اُهي توکي ڇا ڏيئي سگهندا جئن تنهنجي واسنائن جي پورتي ٿي سگهي. فلمن ۾ برابر اَهڙيون ڪهاڻيون ڏيکاريون وينديون آهن تہ هڪ وڏي زميندار جي پٽ پيءُ جو حڪم ٽاري هڪ غريب ڪڙميءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. اِهي فلمون ڪيول ڪلپنائون آهن، حقيقت کان بلڪل پري. جيئڻ صرف کاڌو کائڻ يا سمهڻ ئي ناهي. جيون آهي پنهنجي لکل واسنائن جي ترپتي. جيڪڏهن اُهي پوريون نہ ٿيون تہ زندگي بيڪار بڻجي سگهي ٿي، هڪ نيرس زندگي، جنهن ۾ نہ سک هوندو نہ مقصد!

'۽ هڪ ٻي ڳالهہ بہ سوچي ڏس. اسين سڀ هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهيون. هڪ ٻئي سان دک سک ونڊيون ٿا ۽ هڪ ٻئي جي مشڪل ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيون ٿا. اسان سڀني جون اِڇائون گڏيل آهن ۽ اسان هميشه هڪ ٻئي لاءِ قربانيون ڪندا رهون ٿا. اِهو اِنڪري جو اسين اهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪنداسين جنهن ۾ هڪ کي تہ سک ملي ليڪن ٿي ڇيو تہ جيون هڪ وڏو راز آهي، پنهنجو ننڍڙو راز ٻڌائي ڇا ڪندينءَ. تو ائين بہ

سيني کي دک. جيکڏهن ڪنهن ائين ڪيو ته اُهو هنجو سوارٿ ئي چئبو. تون چوندينءَ ته ڪٽنب جي سک لاءِ مان پنهنجو پيار ڇو قربان ڪريان؟ پيار ڪڏهن به سوارٿي نه ٿيندو آهي، پيار ته وياپڪ ٿيندو آهي جنهن ۾ سيني لاءِ سک سمايل ٿيندو آهي. تون جنهن کي پيار ٿي چئين سو در حقيقت تنهنجو دنيش لاءِ سنيهه آهي ۽ اِهو سنيهه ڪجهه ڏينهن دور رهڻ سان خود به خود هوا ۾ گم ٿي ويندو.'

سيما پنهنجي پيءُ سان گهڻو دليل نه ڪري سگهي. هن جلدئي محسوس ڪيو ته ڪانئس وڏي غلطي ٿي ويئي هئي. هڪ دفعو غلطيءَ جو احساس ٿيو ته پوءِ ٻڪ ٻوڙ شروع ٿي ويئي. ڪنهن سني وڪيل سان صلاح ڪري ڪورٽ ۾ درخواست ڏني وئي ته ڇوڪري ڇوڪريءَ محض رونشي خاطر ٻارانڍي ڪئي آهي ۽ رجسٽر ۾ صحيون ڪيون آهن. جيتوڻيڪ کين شادي ڪرڻ جو ڪو ويچار ئي ڪونه هو. ان ٻڪ ٻوڙ ۾ دنيش کين پورو سهڪار ڏنو ۽ ڪورٽ مان فتوا ملڻ تي سندن شاديءَ جي اينٽري مئريج رجسٽر مان هٽائي ويئي ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. ان بعد دنيش خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو. وقت بهترين ملم آهي، سيما جي دل جو گهاوُ جلد ڀرجي ويو.

سيما سڄي رات جاڳندي گذاري؛ انڪري صبوح جو اُٿڻ سان سندس اَکيون سڄيل هيون. هن آفيس وڃڻ جو خيال لاهي پريم کي چٺي ڇڏيو ته ساڻس گڏجي آفيس ڪونه ويندي. پريم جي بار بار پڇڻ تي سيما کيس ايترو ٻڌايو ته سندس طبيعت ٺيڪ ڪونه هئي.

سيما جي من ۾ طوفان اڃا به چالو هو. کيس لڳو ٿي گويا سورج ڪارو ٿي ويندو ۽ چوڌاري گهور انڌڪار ڇانئجي ويندو. کيس امڪان ٿيڻ لڳو هو ته هڪ نه هڪ ڏينهن سندس هيءَ ڳالهه پريم کي معلوم ٿيندي، جا هو سهي نه سگهندو. تڏهن هو کيس دوکيباز ڪري سڏيندو ۽ سندن هي پيار ڀريو محل اَچي پٽ پوندو. اِن بعد شڪ جي ديوار وڌڻ لڳندي، روز ڪلڪل ٿيندي، گهپي ٿيندي ۽ معاملو نيٺ ڪورٽ تائين وڃي پهچندو.

سيما چاهي ڪيترو به معافي گهري، پريم ڪيس هرگز معاف نه ڪري سگهندو. سيما کي لڳو ڄڻ گويا هوءَ ڪنهن تيز ڌارا ۾ وهندي ٿي وئي، جنهنجو ڪوئي انت نه هو. پريم جي آفيس وڃڻ کانپوءِ هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي رهي. سس کي به ائين ٻڌايائين ته ڪيس مٿي ۾ سور هو.

هن مسئلي جو ڇا حل ٿيڻ گهرجي، ان تي سيما بار بار سوچڻ لڳي. هڪ حل اهو هو ته ڳالهه کي اُتي ئي ڇڏي ڏجي، جڏهن ڳالهه کُلي ته ان وقت ڏٺو ويندو. ليڪن ائين ڪرڻ سان هر وقت سندس من ۾ خوف ويٺو رهندو، جو ڪيس ڪڏهن به سُکي سمهڻ نه ڏيندو. ٻيو حل اهو هو ته پريم کي سڀ ٻڌائي ڇڏجي. ليڪن ائين ڪرڻ سان نتيجو بلڪل ظاهر هو؛ پريم کي صدمو رسندو ۽ ممڪن هو ته سندس پيار نفرت ۾ بدلجي وڃي. ڳالهه ٻنهي پاسي ڳوري هئي. سڄي پهلن تي سوچڻ کانپوءِ سيما اهو فيصلو ڪيو ته سندس جيون جو اهو اهم ورق جو هن پريم کان لڪائي رکيو هو، پريم کي ٻڌايو وڃي ۽ جا ڳالهه سڀاڻي ٿيڻي آهي سا پل اڄ ئي ٿي وڃي. هي سڀ پريم کي روبرو ٻڌائڻ جي ڪيس همت ڪونه هئي، انڪري سيما پتر جو سهارو ورتي، پنو ۽ پين کڻي لکڻ شروع ڪيو.

’مان ڪالهه کان بيحد پريشان آهيان. ڪالهه واري پڪچر لڳاتار منهنجي اکيان ڦري رهي آهي. ممتا ۽ انيل جي وچ ۾ جا ڪشمڪش ۽ ڪينچا تاڻي مون پڪچر ۾ ڏٺي، اُها دل تان ڄڻ وسري ئي نه ٿي. منهنجي حالت به ممتا جهڙي آهي ڇو ته مون به هڪ راز توکان لڪائي رکيو آهي. مون به پنهنجي اِسڪولي جيون ۾ دنيش کي چاهيو هو. نه صرف ايترو بلڪ ڪورٽ ۾ وڃي ان سان شادي به ڪئي هئي. ليڪن پوءِ مائٽن جي وچ ۾ پوڻ تي اُها شادي رد ٿي ويئي ۽ مون دنيش کي وساري ڇڏيو. در اصل اهو راز مون شاديءَ کان اڳ توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيو، ليڪن تو ائين ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏنو. تو هر وقت ائين

چيو هو تہ راز کي وساري ڇڏيان ٿو تہ اسان جي جيون جي نئين پرڀات ۾ ان کي ڪابہ اَهميت ڪونہ هئي. ليڪن مان اڄ پاڻ کي گنهگار ٿي سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن تون اِها ڳالهہ ڄاڻين ها تہ شايد شاديءَ لاءِ ڪڏهن تيار ڪونہ ٿين ها. ۽ تنهنجا رات وارا لفظ اڃا بہ مون کي ياد آهن جڏهن تو چيو هو تہ جيڪڏهن تون انيل جي جڳهہ تي هجين ها تہ تون بہ ان وانگر ئي ريئڪٽ (react) ڪرين ها. ان جو مطلب تہ جيڪڏهن توکي هن ڳالهہ جي سُڌ پئجي وڃي تہ تون بہ انيل جيان مون سان خفا ٿي سگهين ٿو، مون کي دوکيباز چئي مون کان منهن موڙي سگهين ٿو. اَسان جي هيءَ جيون دڳ جي چار ۾ ڦاسي وڃي ۽ معصوم ڪٽوءَ جي جيون کي گرهڻ لڳي وڃي؛ ان ڪان اڳ مون محسوس ڪيو تہ مان هيءُ راز توکي ٻڌائي معافي وٺان. مون کي بيحد افسوس آهي تہ مان هيءُ راز توکي اَڳ نہ ٻڌائي سگهيس؛ ليڪن مان اُميد ٿي ڪريان تہ شاديءَ ڪانپوءِ هي ڏهہ سال جنهن پيار ۽ سنيهہ جي ماحول ۾ گذاريا آهن، ان جي عيوض تون ضرور معاف ڪري سگهندين.‘

’تون چاهين تہ مون ڪان طلاق وٺي سگهين ٿو، جنهنجو توکي پورو اختيار آهي. ان لاءِ ہ ڪورا صحي ڪيل ڪاغذ هن لفافي ۾ بند ڪريان ٿي، جن تي تون جيڪي بہ چاهين لکائي سگهين ٿو. جيئن طلاق ملڻ ۾ توکي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف درپيش نہ اَچي. مان شام جو ڪِٽوءَ کي وٺي مميءَ جي گهر هلي ويندس. ڪڏهن دل ٺئيئي تہ متر سمجهي هليو اَچجانءِ، ملي خوشي ٿيندي.‘

لفافو بند ڪري سامهون ميز تي رکيائين جٿن پريم آفيس مان موٽڻ بعد هڪدم ڏسي سگهي ۽ پڙهي وٺي. شام جو ويندي وقت سس کي بس ايترو چيائين تہ مميءَ جو فون آيو آهي ۽ اَچڻ لاءِ چيو اَٿائين، ہ چار ڏينهن ٽڪي اَچان تہ خوش ٿيندي. سسڻس بہ ڪو اَعتراض ڪونہ ورتو، ڪيس تہ هن مهاڀارت جي ڪا ڄاڻ ئي ڪونہ هئي.

رات جا ڏهه لڳا هوندا جو دروازي جي گھنٽي وڳي. سيما دروازو اَچي کوليو تہ سامهون پريم هو. ڪيس لڳو پريم لفافو تہ ضرور پڙهيو هوندو ۽ اِجهو ٿو واڪا ۽ رڙيون ڪري تہ ڪيئن ساڻس دوکو ڪيو ويو هو. هو ڪِٽ پِٽ ڪندو ۽ ڪٿوءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جو ضد ڪندو. ليڪن سيما جي امڪان جي اُبتڙ پريم دروازي تي بيهي مشڪي رهيو هو ۽ سندس منهن تي ڪنهن بہ قسم جي رنجش يا شڪايت ڪونہ هئي. مشڪندي هن چيو، ’چو، هڪ متر کي اندر اَچڻ لاءِ ڪونہ چوندينءَ!‘ سيما بي حواس بڻجي هڪ طرف هٽي ويئي.

پريم اندر ڊرائنگ روم ۾ اَچي وينو ۽ زور زور سان ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو، گويا ڪوئي تماشو ڏسندو هجي. سيما بہ حيران ٿي ويئي تہ هيءُ کهڙي قسم جو مذاق هو. پريم سيما کي چڪي پنهنجي پر ۾ وهاريو ۽ چيو، ’اوهہ! تہ تو بہ دل ۾ ڪوئي راز چپائي رکيو آهي!‘ سيما کي لڳو تہ هي وڃ ڪرڻ جا اَرڪان هئا، ليڪن اَهڙو ڪجهہ ڪونہ ٿيو. مٿان پريم سڪ ڀريءَ نگاهہ سان سيما کي ڏسندو رهيو ۽ مشڪندو رهيو. پوءِ سيما جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي پريم چيو، ’راز کي راز تڏهن چئبو آهي، جڏهن ان جي ٻئي ڪنهن کي ڄاڻ نہ هجي.‘ پريم جا اِهي لفظ سيما لاءِ پرولي بڻجي پيا. پريم وري چيو، ’جنهن کي تون راز ٿي چئين، سو تہ مان ڏهن سالن کان ڄاڻندو آهيان!‘

سيما وائڙي ٿي ويئي ۽ پريم ڏانهن ڏسندي رهي. پريم چيو، ’ائين گھور ڪري چو ٿي ڏسين. مان بلڪل سچ چئي رهيو آهيان. تنهنجي ڊئڊيءَ شاديءَ کان اڳ مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو هو ۽ مون بہ اِهو ڄاڻڻ کانپوءِ ئي شاديءَ لاءِ ’ها‘ ڪئي هئي‘. سيما جي ان وقت اَهڙي حالت هئي گويا ڪنهن پهاڙ تان ڪرندي ڪرندي بچي ويئي هجي، پريم جڏهن ئي ڪيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو تہ سيما سندس ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.

**F. H/202, Scheme 54, Vijai Nagar,**
**INDORE - 452010**

ليک/ ستيش روهڙا



# سماج ۾ ٿيندڙ تبديلي ۽ اَدب ۾ ان جو اظهار

ماڻهن جي ڪنهن مخصوص مجموعي کي سماج ٿو چئجي. ۽ جيڪا سماج زنده آهي- يعني جيڪا اتهاس جي پنن ۾ سمائجي نه ويئي آهي، اها هميشه بدلجندي رهندي.

هاڻي جڏهن سماج ۾ تبديلي جي ڳالهه ڪجي ٿي ته ان جو مطلب اهوئي آهي ته ماڻهن جي ويچارن، وهنوارن، مڃتائن ۽ قدرن ۾ تبديلي ٿيندي رهي ٿي. سماج ۾ جيڪا تبديلي ٿئي ٿي ان جو نوس روپ ته عام ماڻهن - تنهنجي - منهنجي وهنوارن ۾ ڏسي سگهجي ٿو پر ان تبديلي جو جيڪو سوکيم ۽ منووگيانڪ روپ آهي ان جي جهلڪ اسان کي ان سماج جي ساهتيه ۾ ئي ملي سگهندي. ان ڪري ئي ساهتيه کي سماج جو آئينو سڏيو ويو آهي.

هتي هڪڙو سوال پڇي سگهجي ٿو ته سماج ۾ آخر تبديلي ڇو ٿي اَچي؟ اصولي طرح ته جيڪا به شَي جاندار آهي ان ۾ تبديلي ايندي ئي، ان جو مثال اِنسان خود آهي. جيستائين انسان جيئرو آهي، ان ۾ تبديلي ٿيندي ئي رهي ٿي. انسان ۾ جيڪڏهن تبديلي نه ٿئي ته هو نڪو ٻار مان وڏي جوان ٿئي نڪو جوان مان وڏي ٻڍو ٿئي ۽ آخر سنسار ڇڏي وڃي. انسان وانگر سماج به جاندار آهي ۽ ان ۾ به لڳاتار تبديلي ٿيندي رهي ٿي پر سماج ۾ تبديلي اَهڙيءَ طرح ٿئي ٿي جو سماج بدلجندي به رهي ٿي ۽ ساڳي به رهي ٿي. جيئن وهندڙ ندي هر پل بدلجندي به رهي ٿي ۽ ساڳئي وقت ساڳئي روپ ۾ قائم به ڏسڻ ۾ اَچي ٿي.

پر هن اصولي بدلاءُ کان سواءِ، سماج ۾ ٿيندڙ تبديل جا ٻه ٻيا ڪارڻ به آهن.

هڪ ڪارڻ اهو آهي ته انسان پنهنجي دماغي شڪتي ۽ مانسڪ چيتنا ڪري سدائين اڻ ڄاتل کي ڄاڻڻ ۽ اڻ سمجهيل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهي. يا ٻين لفظن ۾ چئجي ته انسان سدائين جڳت ۽ جيون جي راز کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهي. انسان جي ان ڪوشش سبب تڪنيڪي ترقي ٿئي ٿي؛ گيان وگيان جو وڪاس ٿئي ٿو ۽ انسان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو. پر سماج جي بدلاءَ جو هڪ ٻيو اهم ڪارڻ آهي انسان جي فطرت جو سماج سان دائم ٽڪراءُ. اهو سچ آهي ته انساني سماج جي رچنا، انسان جي انيڪ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٿي آهي ۽ سماج دواران انسان جي انهن ضرورتن جو پوراءُ به ٿئي ٿو پر ان هوندي به انسان جي فطرت يا انسان جي پراڪرتڪ پرورتين يا انساني من جي سپاويڪ جذبن جو سماج سان سدائين ورود آهي. انسان جا اُهي سپاويڪ ازلي جذبا سماجڪ بندشن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر سماج جي دٻاءُ ڪري، انسان کي پنهنجن انهن جذبن کي دٻائي رکڻو پوندو آهي. جذبن کي دٻائي رکڻ جي باوجود انسان جي انهن ازلي سپاويڪ جذبن جو خاتمو نه ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن اُهي جذبا سماج جو بندشن ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندا آهن. سماجڪ بندشن جي ٽوڙ - ڦوڙ جي گهڻن شخصن دواران ٿيندي آهي ته اَهڙا سماجڪ بندشن ڍلا ٿيڻ لڳندا آهن ۽ وقت پئي سماج انهن کي بدلائي ڇڏيندي آهي. ائين سماج جي ٻاهر خواه اندر تبديل جي پرڪريا هلندي رهندي آهي ۽ نتيجي طور سماج قائم به رهندي آهي ۽ بدلجندي به رهندي آهي.

مون هيءَ پوسڪا، 'رچنا' مخزن دواران تازو ڪيل ڪهاڻي چٽاپيٽيءَ ۾ آيل ڪهاڻين جي موضوعن کي ڌيان ۾ رکي لکي آهي.

ايندڙ پئراگرافن ۾ انهن موضوعن جي حوالي ۾ ڪن اهم نڪتن جو بيان ڪيو ويو آهي.

هتي هڪ ڳالهه چٽي ڪرڻ ضروري آهي. منهنجي هن لکڻ جو مقصد چٽاڀيٽيءَ ۾ آيل ڪهاڻين جي ڪهاڻي ڪلا جي آڌار تي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ نه آهي. منهنجي هن لکڻ جي خاص مراد ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي ته سماج ۾ جيڪو بدلاءُ ٿئي ٿو ان جو اولڙو ساهتيه ۾ ڏسي سگهجي ٿو. موجوده حوالي ۾ اهو نڪتو، چٽاڀيٽيءَ ۾ آيل ڪهاڻين جي موضوعن - رڳو موضوعن - جي حوالي ۾ چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ائين ته چٽاڀيٽيءَ ۾ آيل ٢٧ ڪهاڻين ۾ ٢٧ موضوع هئا پر انهن مان گهڻا اهڙا موضوع هئا جيڪي ڪهاڻين جا عام موضوع هوندا آهن. جيئن سچي پريم جي اهميت، اميرن جي عيش پرستي ۽ غريبن جي هيٺي حالت، گڏيل ڪٽنب ۾ ننڍن - وڏن جي سکي زندگي؛ پر ڪي موضوع اَهڙا ضرور هئا جيڪي سماج ۾ ٿيندڙ بدلاءُ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جيئن اِستريءَ جي پنهنجي سويمان ڏانهن سجاڳي ’پسنديءَ جو سوال‘ (چندو تيجواڻي) جنهن ۾ ڪارو رنگ هئڻ سبب، بار بار رد ڪيل ڇوڪري پاڻ کي ڏسڻ لاءِ اچڻ واري ڇوڪري کي خط لکي اهو ٻڌائي ٿي ته هوءَ ڪاري آهي ۽ جي هو به سندس رنگ ڏسي پسند ڪرڻ لاءِ ٿو اَچي ته پوءِ نه اَچي.

اَڄ جڏهن سماج ۾ داداگيري وڌي رهي آهي ۽ جنهن جي اَڳيان سماج ڄڻ گونگي ٻوڙي پيئي آهي اُتي هلڪو ئي سهي هڪ آواز ’مخالفت‘ (پڳوان اَتلاڻي) جو به پيدا ٿي رهيو آهي.

ڪشمير مان لڏي آيل ڪشميري شرنارٿين جي بيوسيءَ کي اظهار ڏيندڙ موضوع ’قاتل پنو‘ (روي ٽيڪچنداڻي) به آهي جيڪو سنڌي شرنارٿين جي گذريل وقت کي ورې ياد ڪرائي ٿو وجي.

ممبئيءَ ۾ ٿيل آتنڪوادي حملي کي به هڪ ڪهاڻيءَ ۾ موضوع بڻايو ويو آهي. ’ءَ تنهن کان پوءِ‘ (هوندراج بلواڻي).

پروڻ هتيا - گرڀ ۾ ئي ٻار جو موت، خاص ڪري ٻالڪائن جو، اڄ جي سماج جو هڪ اهم مسئلو آهي. جنهن جو ڪارڻ سماج ۾ اڄ به پرش جي اهميت آهي ۽ ان ڪري جمڻ کان اول ئي ٻالڪائن کي گرڀ ۾ ختم ڪرڻ جي پرورتي سماج جي سيني طبقن - پڙهيل - اڻ پڙهيل، شاهوڪار - غريب، شهري - ڳوٺاڻن ۾ وڌي رهي آهي. گرڀ ۾ موجود ٻالڪا، جنهن پنهنجي موت بابت ماءُ - پيءُ جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، ان جو پنهنجي ماءُ کي مخاطب ٿي جيئري رهڻ لاءِ ۽ ڌرتيءَ تي اچڻ لاءِ، ڪيل درد ڀريو فرياد ’پاس ورڊ گم ٿي ويو آهي‘ (رِتو ڀاٽيا) به هڪ ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻجي آيو آهي. ائين هنن ڪهاڻين ۾ سماج ۾ ٿيندڙ تبديل سان واسطيدار چڱائي موضوع آيا آهن پر سڀ کان اهم موضوع جنهن هنن ڪهاڻين ۾ جاءِ حاصل ڪئي آهي، اهو آهي سيڪس يا ناجائز سمجهيو ويندڙ سيڪس سنبنڌ.

حقيقت ۾ سماج جي ٻنڌنن ۽ انسان جي فطرتي رويي جي وچ ۾ گهٽي ۾ گهٽو ورود سيڪس سنبنڌ جي حوالي ۾ ئي آهي. انسان جي اندر سيڪس جي اهڙي زوردار ڇِڪ يا تمنا ٿئي ٿي جو وقت پئي هو ان لاءِ سماج جو کهڙو به ٻنڌن پڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. ان سيڪس جي شدت سبب رِشين - مُنين جون تپسيائون ڀنگ ٿيون؛ تلسيداس کي زال جون ڇڙٻون سهي سنسار تياڳ ڪرڻو پيو؛ سورداس پنهنجين اکين ۾ سيون ٽنبي پاڻ کي انڌو ڪيو. اِن سيڪس جي شدت جي ڪري جرمنيءَ ۾ هڪ پيءُ پنهنجيءَ ڌيءُ کي ٢٣ سالن تائين ريپ ڪري ست ٻار به پيدا ڪيا. ائين سمجهيو ويو ته اهو پشچمي تهذيب جو ڪريل روپ آهي پر تازو مهاراشٽر ۾ ٺاڻي جي رهواسيءَ کي گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪو اول پنهنجي نابالغ ڌيءُ کي ٩ سالن تائين ريپ ڪندو رهيو ۽ جڏهن سندس ٻي ڌيءُ ١٧ سالن جي ٿي ته هن اُن ڌيءُ

جو بہ ريپ ڪيو. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ سيڪس جي اِڇا بيحد زوردار جذبو آهي. سماجڪ بنڌنن ۽ انساني فطرت جي وچ ۾ گهڻي ۾ گهڻو ٽڪراءُ انسان جي سيڪس سنبنڌي وهنوار سان ئي جڙيل هوندو آهي. اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانهي تہ اڄ ڪلهہ جيڪي طلاق جا گهڻي ۾ گهڻا واقعا ٿي رهيا آهن ان جو مکيہ ڪارڻ مڙد يا زال جو ناجائز سيڪس سنبنڌ هوندو آهي.

هنن ڪهاڻين ۾ بہ ڪهاڻيون اَهڙيون آهن جن جو واسطو سيڪس وهنوار - خاص ڪري زالن جي سيڪس وهنوار سان آهي. اهي بہ ڪهاڻيون آهن 'ڪاري سونهن' - (رڪمڻي چيناڻي) ۽ 'مهرباني ماڏوي' - (ڪملا گوڪلاڻي).

'ڪاري سونهن' ۾ ڪاري سالي، پنهنجيءَ سهڻيءَ ڀيڻ جي گهوٽ يعني پنهنجي ڀيڻيويي سان سيڪس جو سک ماڻڻ سبب بيحد خوش آهي ۽ ڪنهن بہ پڇتاءَ يا ڀيڻ سان بي وفائيءَ جي خيال کي بڪواس سمجهندي، گهڻي ۾ گهڻو وقت ڀيڻيويي سان سيڪس جو سک ماڻڻ لاءِ، ڀيڻ جي گهر ۾ چڱو وقت ٽِڪڻ جو فيصلو ڪري ٿي وٺي. هتي ڌيان ڏيڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ سالي - ڀيڻيويي جي هن سيڪس وهنوار ۾ پيار جو ڪو عناصر موجود ڪونهي - يعني نہ تہ ساليءَ کي ڪو ڀيڻيويي لاءِ پيار آهي ۽ نہ وري ڀيڻيويي کي سيڪس کان سواءِ ساليءَ لاءِ من ۾ ڪو پيار آهي.

هتي اِستريءَ جو پنهنجي سيڪس جي ضرورت ڏانهن سجاڳيءَ طرف اِشارو آهي. عام طور عورت کي سيڪس جو رڳو هڪ ساڌن (object) سمجهيو ويندو آهي. شادي ڪيل جوڙن ۾ بہ سيڪس وهنوار جو فيصلو مڙد ئي ڪندو آهي، عورت بس، اهو قبول ڪندي آهي. پر هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي پنهنجي سيڪس جي ضرورت کي اظهاريو ويو آهي. سالي - ڀيڻيويي جو جنسي سنبنڌ ٿيڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. اهڙا

واقعا سماج ۾ عام-جام هوندا آهن پر انهن ۾ يا پيار يا پڇتاءُ جو اظهار هوندو آهي. هتي ائين ڪونهي. هتي ائين ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ جنسي سک ماڻڻ لاءِ ڪنهن رشتي يا پيار جي ضرورت ڪانهي. ان لاءِ بس ضرورت آهي هڪ ڀرپور سرير ۽ ان سريري سک وٺڻ لاءِ جذباتي شدت جي.

هنن ڪهاڻين ۾ جنسي وهنوار يا سيڪس سان واسطو رکندڙ ٻي ڪهاڻي آهي 'مهرباني ماڏوي'؛ پر هن ڪهاڻيءَ جو ڌراتل الڳ آهي.

هيءَ ڪهاڻي هڪ نرس جي آهي جيڪا ڪنهن ڳوٺ جي اسپتال ۾ ڪم ڪندي آهي. سندس گهوٽ کي اڌرنگ جي بيماري ٿي پيئي آهي. سندس گهوٽ جو علاج رڳو ڪنهن شهر ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن سندس بدلي ڪنهن شهر جي اسپتال ۾ ٿئي. پنهنجي بدلي ڪرائڻ لاءِ هوءَ گهڻيون ئي ڪوششون ڪري ٿي. هوءَ ان لاءِ رشوت ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿئي ٿي مگر سندس بدلي نٿي ٿئي تڏهن هن کي احساس ٿو ٿئي تہ جيڪو آفيسر سندس بدلي ڪرائي سگهي ٿو ۽ ڪيس اهڙو وشواس بہ ڏياري ٿو ان کي ان لاءِ ڌن جي نہ پر سندس تَن جي گهرج آهي. اهو آفيسر ائين تہ سندس پيءُ جيڏو آهي. آخر ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي هوءَ پنهنجو تن ڏئي، پنهنجي بدلي شهر ۾ ڪرائي ٿي. ائين ٻيا ٿي دفعا بہ ڪيس پنهنجي سرير جو سَودو ڪري پنهنجين ٽن نراڻن جي بدلي ڪرائڻ جو ڪاريہ ڪرڻو پوي ٿو. پر هاڻي سندس من تي ڀيانڪ بوجو آهي. هن کي لڳي ٿو تہ هن پنهنجي سَت جو سَودو ڪري بيحد ئي غلط ڪم ڪيو آهي. آتما جي هن نفرت ڀري ڦتڪار کان بچڻ لاءِ هوءَ آتم هتيا ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿئي ٿي پر اَپاهج مڙس کي ائين ڇڏي وڃڻ بہ ڪيس صحيح نٿو لڳي. ان بڏتر ۾ جڏهن هن جي زندگي گذري رهي آهي تڏهن هڪ دفعي هن کي مهاڀارت جو اهو اَڌياءُ پڙهڻ جو موقعو ملي ٿو جنهن ۾ بيان ڪيل

آهي تہ وشوامتر کي گرو دکشڻا ڏيڻ لاءِ گالَوَ رشيءَ کي يگيہ جي اَٺ سَو گھوڙن جي ضرورت هئي. گالَوَ رشيءَ وٽ تہ گھوڙا هئا ئي ڪونہ ۽ ڪنهن هڪ راجا وٽ بہ اٺ سَو يگيہ جا گھوڙا ڪو نہ هئا. گالَوَ رِشي ڇئن راجائن وٽ ويو. هرڪنهن راجا وٽ بہ سَو ڪن گھوڙا هئا پر هرڪو راجا اُهي گھوڙا ان شرط تي ڏيڻ لاءِ تيار هو تہ ان جي بدلي گالَوَ رشي پنهنجي ڌيءُ ماڌوي هڪ سال لاءِ ان راجا کي ڀوڳ ولاس لاءِ ڏيندو. جيڪا پٽ ڄڻي ڏيڻ تائين راجا وٽ رهندي. گالَوَ رشي راجائن جو اهو شرط قبول ڪيو ۽ پنهنجي ڌيءُ ماڌويءَ واري واري سان هڪ سال لاءِ هرهڪ راجا کي ڀوڳ ولاس لاءِ ڏني. هرهڪ راجا کي ماڌويءَ ان سال ۾ هڪ پٽ ڄڻي ڏنو. ائين ڇئن سالن کان پوءِ اَٺ سوَ گھوڙا گالَوَ رشيءَ وشوامتر کي گرو دکشڻا جي روپ ۾ ڏنا. ماڌويءَ کي هڪ ديورشيءَ جو اهو وردان مليل هو تہ هر دفعي ويم ڪرڻ کان پوءِ هوءَ وري ’اَکند نَو يو ونا‘ يعني اڻ ڇُتل ڪنئاري ڪنيا ٿي پوندي. ان ڪري چار سال، ڇئن راجائن وٽ رهڻ ۽ انهن جي ڀوڳ ولاس جو ساڌن بڻجڻ ۽ انهن جي سنتان جي ماءُ بڻجڻ کان پوءِ بہ ماڌوي ڪنئاري رهي!

ماڌويءَ جي اها اها ڪٿا پڙهڻ کان پوءِ نرس جي من تان بار لهي ويو. هن جي من مان پڇتاوَ جو احساس نڪري ويو. هن سوچيو تہ هن ڪنهن لوڀ - لالچ جي وس ٿي پنهنجو استري ڌرم ڪونہ ڇڏيو هو ان ڪري هن ڪوبہ پاپ ڪونہ ڪيو هو.

ان احساس سبب هوءَ ماڌويءَ جي مهرباني ٿي مڃي جو ماڌويءَ جي ڪهاڻيءَ سبب سندس آتما تان پڇتاو جو بار لهي ويو هو!

هن موضوع جو اِشارو استريءَ جي سيڪس جي طرف پرمپرا واري سوچ جي ابتڙ آهي. عام طرح سان سيڪس ۽ اخلاق کي پاڻ ۾ گڏي ڏٺو ويندو آهي ۽ ان ڪري شاديءَ کان سواءِ ڪيل ڪوبہ سيڪس جو ڪارنامو بداخلاقي ڪري سمجھيو ويندو آهي؛ پر هن ڪهاڻيءَ ۾ اخلاق يا ستيپڻي کي سيڪس کان الڳ ڪيو ويو آهي. ماڌوي چار سال

چئن راجائن جي پوڳ ولاس جو ساڌن رهي. ماڌويءَ انهن راجائن مان اولاد به پيدا ڪيو پر ان هوندي به سندس ستيپڻو يا ڪنئارپ قائم رهي! ڇا اها ڪنئارپ سندس سرير جي آهي؟ نه، اها ڪنئارپ سندس من جي آهي. سرير ته راجائن جي سيڪس سبب جيڪو ڪَندِت ٿيو، سو ٿيو ئي؛ اهو ته وري 'اَڪَندت' (اَڇهيل) نٿو ٿي سگهي. ها، من سرير جي ڪندت هئڻ جي باوجود اَڪَندِت يا اڻ ڇُهيل رهي سگهي ٿو. اهو ئي احساس نرس کي به ٿئي ٿو ته ڇار دفعا پنهنجو سرير ڏئي، ٻين جون خواهشون پوريون ڪرڻ جي باوجود من سان هوءَ اَڃا به پوتر آهي. هتي اهو به ياد ڪري سگهجي ٿو ته عيسيٰ کي جنم ڏيندڙ ميريءَ کي به 'وَرجن ميري' يعني 'ڪنئاري ميري' چيو ويندو آهي.

اخلاق کي سيڪس کان جدا ڪرڻ وارو هيءُ موضوع لاشڪ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئون آهي.

هتي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ساهتيه ۾ هن موضوع کي جڳهه ان ڪري ملي آهي جو اڄ سماج ۾ اِهو سوچ وڌي رهيو آهي ته ڪنئارپ جو واسطو سرير سان آهي. اڄ هرهنڌ سوين - هزارين واقع ريپ جا ٿين ٿا، ابهم نابالغ ڇوڪريون ڪن شخصن جي دلبن جو شڪار ٿي ويشيا گهرن ۾ وڃي پهچن ٿيون؛ غريبي يا ظلم جو شڪار بڻجي ڪيترين استرين کي پنهنجي سرير جي ڪنئارپ وڃائڻي پوي ٿي، هنن کي مجبورن سيڪس جي سرگرميءَ جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو پر اُهي من سان بد اخلاق نه آهن. انهن جي سرير روپي دامن تي داغ ڀلي لڳو هجي پر انهن جي من جو دامن بي داغ آهي.

سيڪس کي اخلاق کان الڳ ڪرڻ جو هيءُ سوچ بلڪل نئون ۽ انقلابي آهي خاص ڪري عورت جي حوالي ۾. ۽ 'مهرباني ماڌوي' ڪهاڻيءَ جو موضوع ان سوچ جو اظهار آهي.

**5, Maleer,**
**Adipur - Kutch - 370205**



تبصرو/لکمي کلاڻي

## گوورڌن ڀارتيءَ جو ناول

# سوُر جون سؤ صورتون

گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌيءَ ۾ ٻه اعليٰ درجي جا معياري ناول شايع ٿيا آهن. ڪرشن کٽواڻيءَ جو 'ترندڙ بادل' (١٩٩٨) ۽ گوورڌن ڀارتيءَ جو 'سوُر جون سؤ صورتون' (١٩٩٧).

گوورڌن پنهنجي پيش لفظ ۾ هن ناول کي Biographical Novel سڏيو آهي، هن آتم ڪٿائي ناول جي اِشاعت ۾ ٽيهن سالن جي دير پوڻ جا سبب ڄاڻايا آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ ناڪر چاولا، پارو چاولا، هري همٿاڻي ۽ شويا لعلچنداڻيءَ جا سندن ڏنل سهڪار لاءِ ٿورا مڃيا ويا آهن.

١٦ سپٽمبر 1957 تي گوورڌن پنهنجي سلهه جي بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ لاءِ اَجمير جي ويجهو مدار سئنيٽوريم ۾ ڀرتي ٿيو هو. پندرهن مهينا اُتي علاج ڪرائڻ ۽ ڦڦڙن جي آپريشن ڪرائڻ بعد شفاياب ٿي، ١٧ ڊسمبر ١٩٥٨ تي اُتان ٻاهر نڪتو هو. پنهنجو هيءُ ناول گوورڌن مدار سئنيٽوريم جي انهن ڊاڪٽرن، ملازمن ۽ مريضن کي اَرپيو آهي، جن ڪيس هن رچنا لاءِ ڪردار ڏنا.

البت هن ناول جو مکيه ڪردار گوورڌن ڀارتي پاڻ آهي، ۽ اُن جو وشيه موت/زندگي آهي، جيڪي هڪ ٻئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. هڪ ڪشل منووگياني ڊاڪٽر جيان هن ناول ۾ ناول نويس؛ پاڻ سميت سڀني ڪردارن کي ڪوچ تي ليٽائي، آڏي پڇا ذريعي من ڇيد ڪري، سندن زندگيءَ جي مکمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريٿو. ڪيس

اهو بخوبي احساس ٿو ٿئي تہ هنن مريضن جي مرض جون پاڙون سرير کان وڌيڪ سندن من ۾ اونهيون کُتل آهن. هو نہ رڳو انساني سوچ ۽ وهنوار پٺيان لڪل حقيقتن کي اُجاگر ٿو ڪري، بلڪ پنهنجي ڪردارن جي منو جڳت جي پول پلٽيان ۾ اسان پاٺڪن جي بہ آڱر پڪڙي، پاڻ سان گڏ وٺي ٿو هلي. ان طرح اسانجي انيو، شعور ۽ حساسداريءَ ۾ اضافو ٿو آڻي.

اَسين خود محسوس ڪريون ٿا تہ هنن سيني مريضن کي هڪ ئي ساڳيو سوُر آهي، چاهي ان سوُر جون صورتون سوين آهن. هن سئنيٽوريم جا مريض الڳ ديسن، ڌرمن، ذات پات جا آهن. سندن ٻولي، ويس، وهنوار، آچار ويچار علحدا علحدا آهن. پوءِ بہ سئنيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ بعد سڀ ئي هڪ ئي پيڙا پوڳين ٿا، جنهن ڪين هڪ ئي ڏاڳي ۾ پوئي رکيو آهي. هت هينئر هنن ۾ ڪير بہ ننڍو وڏو ڪونهي. ڪنهن جي بہ چهري تي هاڻي پئسي، پوزيشن، پرايل علم عقل جي وڏ ماڻهپي جو ڪوبہ نقاب پهريل ڪونهي. ها، هڪ سنڌي ديوان آهي. ڪنهن وڏي سرڪاري عهدي تان رٽائر ٿيل، پنهنجي جوان ڌيءَ جي علاج لاءِ پنهنجي زال سان هڪ ڪاٽيج ۾ اَچي رهيو آهي. ڪنهن بہ هن کي ڪڏهن پنهنجي چارديواريءَ کان ٻاهر نڪري، ٻئي ڪنهن سان گڏجندو مسڪندو ڪونہ ڏٺو آهي. سنڌي هئڻ جي ناتي، گوورڌن وراندي ۾ ويهي اخبار پڙهندڙ هن ديوان سان رام رام ڪرڻ لاءِ اَڳيان وڌي وڃيٿو. ’ڪاڪا سائين! توهان سنڌي آهيو نہ؟‘

’هم سنڌي هئن يا هندي، اُس سي تم ڪو ڪيا مطلب؟‘ گوورڌن چِڙب ڪائي، منهن پلڙو ڪري موٽي ٿو اَچي. اڄ جو هرڪو بي پاڙو سنڌي اُنهيءَ مرض ۾ مبتلا نظر اَچيٿو. پنهنجي وڏ ماڻهپي جي هوا سان ڦونديل، شتر مرغ جيان واريءَ ۾ منهن وجهي ويٺل، هو خوفزده زندگي گهاريٿو.

سئنيٽوريم ۾ داخل ٿيل سيني مريضن سان موٓت پاڇي جيان پٺيان

هلندو نظر اَچيتو. اُهو سندن ڪلهن تي سوار ٿي، ڊپ، ڏڪاءَ ۾ مبتلا ڪري ڪين هڪليندو ٿو رهي، رات جو به هو سندن پٺ نٿو ڇڏي. اونداهيءَ ۾ هر وارڊ اندر ليئو پائي ڪين ڊيڄاريندو ٿو رهي. گوورڌن جي لفظن ۾ :

’ٻاهر گهُگهه اونده آهي. آڪاش جا تارا ڄڻ ٺري ڄمي ويا آهن. خاموشي ايتري گهري آهي ڄڻ سئنيٽوريم جي سيني تي اجگر ليٽيو پيو آهي، يا ساري ڪائنات کي ڪنهن ڪلوروفارم سنگهائي ڇڏيو آهي ..... خبر ناهي رات ڪيتري گذري چڪي آهي. مان بيچئنيءَ وچان پاسا بدلايان ٿو. لڳيم ٿو زندگيءَ کي وارن کان جهلي پٽرائين رستي تان گهليندو گهليندو مان موت جي اونداهي غار تائين پهتو آهيان.‘

ضرور، اهڙيءَ ئي ذهني ڪيفيت طاري ٿيڻ تي گوورڌن کان سندس شاهڪار نئين ڪوتا ’سئنيٽوريم جي پهرين رات‘ جي رچنا ازخود پاڻمرادو لکجي ويئي هوندي.

’رات جو پهريون پهر/اوچتو گل ٿي ويون برقي بتيون. چنڊ/پيلو چنڊ/ڄڻ سله جو مريض/دوُر/اوله جي اُفق ۾ ٻڏي ويو/۽/ستارا ڄڻ ته آهن سرد لاش/هي ڪڪر ڪارا اُنهن جا ئي ڪفن ..... سانت/گهري ۽ ڀيانڪ سانت/زندگي/ڄڻ موت جي فتويٰ ٻڌڻ لاءِ/ساهه روڪي آ ڪڙي/هي صحت گهر آهه/يا شمشان آهه؟/ڇا مري ويا اوچتو سڀ مريض.

هت موهن ڪلپنا جي سنڌ ۾ ڇپيل آتم ڪٿا ’بک، عشق، اَدب‘ (۱۹۸۴) مان هڪ حوالو جيئن جو تيئن پيش ٿو ڪريان.

’ريلوي جي نوڪريءَ ۾ هئس ته اَجمير ويو هوس، ۱۹۵۸ع ۾. خبر پيم ته گوورڌن ڀارتيءَ کي ٽي. بي. ٿي پيئي هئي ۽ پاڻ اسپتال ۾ هو. مان هن سان گڏجڻ لاءِ اسٽيشن تي ويس ۽ ڏٺم ته ٽرين ڇٽي چڪي هئي. اسپتال اَجمير کان اٺ ڏهه ميل پري. ياد نه اَٿم. بس پنڌ نڪري پيس. وچ ۾ جبل ٽڪر به آيا ۽ پاڻيءَ جا واهه به. پنهنجي فطرت : يڪي ٻولي يا حسين. ٽي. بي. سئنيٽوريم پهتس ته چوڪيدار

اَندر اَچڻ نہ ڏئي. اسپتال کي جبل جيان اَت ڏهہ فوٽ وڏيون ديوارون هيون. مان پريرو وڃي گل - موهر جي وڻ تي چڙهيس جو ديوار جي لڳو لڳ هو ۽ اُتان هڪ گل پٽي، هيٺ ٽپو ڏنم. خبر پيم تہ گوورڌن جو هڪ ڦڦڙ ڊاڪٽرن ڪٽي ڇڏيو هو.

مون کيس ڳولهي ڪڍيو. مون کيس گل ڏنو. هو تيز نظر سان مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

’تنهنجو نالو؟‘ هن پڇيو.

’مان هڪ ساهت پريمي آهيان. مون کي تنهنجيون ڪوتائون ڏاڍيون وڻنديون آهن.‘

’ڪهڙي ڳاڌيءَ ۾ آيو آهين؟ هن وقت تہ هتي ڪا ڳاڌي نہ ايندي آهي.‘ مان چپ.

هاڻ ڪلڻ لڳو. ’مان توکي تنهنجو نالو ٻڌايان. تون آهين موهن ڪلپنا‘ مان سخت عجب ۾ پئجي ويس. اسين ڪڏهن بہ پاڻ ۾ نہ گڏيا هئاسين.

’ضرور تون موهن ڪلپنا آهين. متوالو. جذباتي. اهو جو گوئا ۾ سٺ ميل پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ٻيو ڪو ليڪڪ ايڏو پنڌ ڪري نہ ايندو. هڪ موهن ئي سخت موهي آهي.‘

’ها، مان ئي اُهو آهيان-موهي، جذباتي. متوالو. آوارهہ ...... خانہ بدوش.‘

هن مونکي هڪ سنگتڙو ڪارايو ۽ هڪ بہ ڪوتا ٻڌائي. ان ئي سال هن ’سئنيٽوريم ۾ هڪ رات‘ زبردست ڪوتا لکي، جنهن سنڌي ڪوتا کي هڪ دائمي موڙ ڏيئي ڇڏيو.‘ (صفحو ١٥١-١٥٢)

گوورڌن جو لکيل هي ناول پڙهڻ بعد مان بہ ان رايي جو آهيان تہ سندس هيءَ رچنا، سنڌي ناول کي نئون موڙ ڏيندي. مان هن کي سنڌيءَ جي پنجن بهترين ناولن ۾ شماريان ٿو. ۽ سڀني ساهت پريمين کي پڙهڻ لاءِ گذارش ٿو ڪريان، ٻيءَ حالت ۾ سندن سنڌي ادب جو مطالعو اڌورو ليکيو ويندو.

گوورڌن سرجڻاتمڪ پرڪريا بابت پنهنجيءَ سوچ ۾ چٽو آهي :

پريرڻا ئي ڪوتا جو سرچشمو آهي. ڪنهن الاهي من اُچل ذريعي اُها خود بخود شاعر جي ذهن ۾ اُڀري ايندي آهي. اُن (ڪوتا) کي جوڙڻ يا ٽوڙڻ جي مون ڪا به ڪوشش نه ڪئي آهي. زندگيءَ جا واقعا جڏهن اسان جي سڀاوَ ۾ وڏ وجهندا آهن. تن بجاءِ من لُڇندو آهي، تڙڦندو آهي .... اوچتو ڇڻ ڪو انجيڪشن لڳندو آهي مونکي. حواسن تي هڪ خمار ڇانئجڻ لڳندو آهي. سرير يا سنسار جي  ڪا به سُڌ ٻُڌ ڪانه رهندي آهي. مگر اَهڙي بي سُرتيءَ ۾ به هڪ سجاڳي هوندي آهي. ان سجاڳيءَ مان ئي ڪوتا جي سرجڻا ٿيندي آهي. اَهڙين بي سرت گهڙين ۾ ئي ستل شاعر جاڳي پوندو آهي. مُئل منُ جي اُٿندو آهي ...... ان بعد من نهايت هلڪو هلڪو لڳندو آهي. سموري تڙڦ ۽ لوڇ لهي ويندي آهي .... ڪجهه خوشي، ڪجهه فخر ڇانئجي ويندو آهي دل ۽ دماغ تي ..... رچنا جي خوشي .... تخليق جو فخر ..... جئن ماءُ پنهنجي تازي ڄاول ٻار کي ڏسي مرڪندي آهي، تئن شاعر به پنهنجي رچنا جو ويچار ڪري هڪ الوڪڪ آنند محسوس ڪندو آهي.‘ (صفحه ٢٤٨-٢٤٩)

پندرهن مهينا هن سئنيٽوريم ۾ علاج ڪرائيندي، گوورڌن پنهنجي سڀاوَ انوسار هن کي به اسٽيج ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. سپريڊينٽنٽ ويلس ۽ ڊاڪٽر شرما جا جنم ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايا ٿا وڃن. گوورڌن سڀني مريضن، ڊاڪٽرن، نرسين کي پنهنجا ڪلاڪار بڻائي، ڪجهه پنهنجا ٻال ڪلاڪار اَجمير کان گهرائي، ڪانئن گانا ڳارائي، ناچ ڪرائي، پاڻ به مداريءَ جي ويس ۾ ’گلي گلي گلي‘ ڪري سڀني کي بيحد وندرائيٿو. سئنيٽوريم جي هڪ ئي سنڌي استريءَ هيمل جو هن سان پيڻ جهڙو سنيهه ٿي ويو آهي. هوءَ معصوم ممتا ڀري مُرڪ سان کين ڇينڀيندي چوپتي ’تون هت نه ايندو ڪر. هتي جي مُئي هوا ئي خراب آهي. هنن ٻارڙن کي به وري ڪڏهن هت نه وٺي اَچج.‘ هيمل کيس اَجمير کان وقت به وقت پنهنجي ڪلاڪارن سان هت اَچي کين وندرائيندڙ ڊائريڪٽر طور ئي ڄاڻندي آهي.

گوورڌن کي، عام، سنڌي درشڪن ۽ پاٺڪن سنڌي فلمن لاءِ گيت لکندڙ، اسٽيج تي مذاقي اسم پيش ڪندڙ، پڳونتي، ڪملا ۽ ڪلا کان لاڏا ڳارائيندڙ، هر محفل ۾ چرچا ٻڌائي ٽهڪ ڏياريندڙ، ٻاهر مکي شخص طور ڏٺو آهي. جيئن هن پاڻ ئي لکيو آهي ’سيني منهنجي مرڪ ڏٺي آ -پر نہ ڏٺيون ڪنهن اکڙيون آليون.‘ هن ناول ۾ اَسين گوورڌن جي اندرمکي شخص سان مکاميلو ڪري سگهون ٿا. جنهن جي دل پنهنجي پيڙا سان گڏ، سئنيٽوريم جي سيني مريضن جي پيڙا بہ پاڻ پوڳي ٿي. هو چويٿو ’هت اسانجو هڪ ئي قبيلو آهي، هڪ ئي ڪٽنب، پوءِ ڪمار جي دک ۾ مان ڪيئن نہ دکي ٿيندس. اها پيڙا ئي تہ آهي جيڪا اَسان مريضن کي ساڳي ڌاڳي ۾ پوئي چُڪي آهي.‘

گوورڌن جي تُز خوبصورت تمثيلن واري شاعراڻي عبارت نهايت ئي اثرائتي نموني اسانجي دل کي تهہ تائين ڌوڏي ٿي ڇڏي. ’اها اَڇي چادر مونکي سنگمرمر جي قبر جيان پاسندي آهي، جنهن ۾ ڪمار پنهنجي اُمنگن، اُڌمن کي دفنائي ڇڏيو آهي.‘

هن ناول ۾ ان سشيل ڪمار نالي واري اهم ڪردار سان گڏ ٻيا بہ اڪيچار ڪردار آهن، کوما پينٽا، فقيرو، راڌي شيام، پيمو، اختر، ريشما، جن جي ڪهاڻين (آپ بيتين) کي گوورڌن سک دُک جي تاڃي پيٽي ۾، پنهنجي نازڪ نفيس آڱرين سان هڪ ڪلاتمڪ ايراني قالين ۾ اُڻيو آهي.

ناول ۾ هڪ ٻيو بہ سنڌي ڪردار آهي گرداس، گانڌيڌام جو پڙهيل، هينئر احمدآباد ۾ رهندڙ. هو سنڌي ساهت جو پريمي آهي. شفاياب ٿي، سئنٽوريم مان ٻاهر نڪرڻ وقت گوورڌن کان موڪلائڻ لاءِ اَچيٿو. کيس ٻڌائيٿو تہ رستي تي اَجمير لهي هو پنهنجي من پسند شاعر گوورڌن پارتيءِ سان ضرور گڏجندو جنهن جي هيءَ ڪوتا کيس وڏو آٿت ڏيئي، جلد شفاياب ٿيڻ لاءِ هن جو سهارو بڻي آهي.

سپ لئہ ڏينهن اجل جو ايندو،
نيٺ تہ موت جو موت ٿيندو،
مارڻ وارو، ڪال هچارو،
نيٺ تہ، پنهنجي هار مڃيندو!

گرداس هن کي ڏڍُ ڏيندي چويٿو : ’ هانو نہ لاهہ، تون بہ جلد ٺيڪ ٿي ويندين.‘ پر گوورڌن کي پنهنجي لکيل اها ڪوتا ڪو آٿت نٿي ڏي، اُها هن مهل بي معنيٰ ٿي نظر اَچي. گرداس جي غلطفهمي دور ڪرڻ لاءِ هو کيس پنهنجي اَصلي واقفيت ڏيئي، وڏو ڌڪو ٿو ڏيئي ڇڏي.

گوورڌن، سرڪس جي نٽ جيان زندگيءَ جي نوڙيءَ تي، جيڪا سندس ماءُ ۽ پيءُ جي موت جي ٻن چيزن سان ٻڌل آهي، دم دلاسن جي لٺ هٿ ۾ ڪٽي، ٽائيٽ روپ واڪنگ ڪندي، لڏندو لمندو، ٿرندو ٿاٻرجندو رهيو آهي.

نديپڻ ۾ پنهنجي ماءُ جي گذاري وڃڻ تي اَٺن ڏهن سالن جي گوورڌن ٻالڪ جي منودشا جو هن نموني بيان ڪيو آهي ’هو زور سان دروازو کڙڪائيٿو. سڏڪا ڀري اَمان - اَمان پڪاري ٿو، پر دروازو نٿو کلي. رکي رکي ’هرنام سنگ هئہ‘ جو ٻوائٽو آواز سناٽي ۾ ڪاري اُگهاڙي پنيءَ تي چڙ ڇهبوڪ وهائي ٿو ڪڍي. ... سندس معصوم دل جي هڪ ڪنڊ بہ چڻ مساڻ بڻجي ويئي ..... زندگيءَ جي پريات ۾ ئي هوُ ماءُ جي ممتا کان وانجهجهي ويو. نوڪري سانگي سندس پيءُ هن کان دوُر رهندو هو. هو چڻ بيگانو بڻجي ويو. هو اڪيلو اڪيلو رهندو هو.‘

ٻئي هنڌ هو پاڻ بابت لکي ٿو ’مساڻ يا قبرستان جو خوفناڪ ماحول سندس دل ۾ خوف پيدا ڪرڻ بجاءِ کيس شانتي بخشيندو هو. ٻالپڻ ۾ ئي ڪنهن ويراڳيءَ اَچي سندس من ۾ واسو ڪيو .... لکڻ پڙهڻ لاءِ کيس اَچا بہ چاهہ آهي، باقي ٻين چيزن لاءِ بي رُخي ۽ بيپرواهي. ڪجهہ عجيب ۽ اٿپٽا خيال سندس دل ۾ گهر ڪري ويٺا آهن. سيلف ڊنائيل (Self denial) ۽ سيلف ٽارچر (Self torture) ۾ کيس هڪ قسم جو سک ٿو ملي.‘

اَڄ گوورڊن پنهنجي اَجمير جي پارتي پون جي هڪ ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽي، گوشينشينيءَ جي زندگي گھاريندي، ان قسم جو ئي سک ماڻي رهيو آهي. ننڍپڻ جا ڪي حادثا، ڪچڙيءَ دل تي پيل اُنهن جا اَثر، ڪيئن نہ اَڳتي هلي اَسانجي زندگيءَ جو رُخ طئہ ڪري  ٿا ڇڏين.

گوورڊن سئنيٽوريم مان شفاياب ٿي ٻاهر نڪرڻ وارو ئي آهي جو کيس پنهنجي پيءُ جي موٗت جو سماچار ملي ٿو.

’لاش جي چهري تان چادر هٽايان ٿو. سو هيءُ آهي موٗت‘. موت-جنهن کان بچڻ لاءِ مان لڳ ڀڳ پندرهن مهينا طرح طرح جون پيڙائون سهندو رهيو آهيان. بستري تي لڇندو ڦٿڪندو رهيو آهيان، سرير ۾ سهسين سُيون ٽنبائيندو رهيو آهيان ......‘ هو اهو بہ جوڙيٿو تہ ’پوچ پتا جي ديهانت واري ڏينهن مان موم بدران پٿر بڻجي ويو هوس. ائين تہ ناهي هت انيڪ مريضن جي وچ ۾ رهندي، انهن جا دک سور سٽندي، اُنهن جي پريشاني ۽ پيڙا پسندي، پاڻ اَڪيلائيءَ ۽ اُداسائيءَ ۾ گذاريندي، خوف ۽ خطري سان مقابلو ڪندي ۽ هڪ دفعو جنسي ڪال جي منهن مان بچندي، موٗت مون لاءِ بي معنيٰ بڻجي چڪو آهي.‘

گوورڊن پنهنجي زندگيءَ جي هن بياباني پٽڪ ۾ شدت سان ڪنهن عورت جو ساٿ چاهيو آهي، جيڪا هن جو دوست بڻجي سگهي. جنهن سان هو پوريءَ طرح گھائل مائل ٿي، پنهنجي اندر ۾ اُٿندڙ جذبا ۽ احساس ونڊي سگهي. پر پنهنجي هن نگري بيماري سبب هن ڪنهن بہ عورت کي پنهنجي ويجهو اَچڻ نہ ڏنو آهي؛ جيڪا اَچي سندس حال محرم بڻجي ها، سندس زندگيءَ جي مشغولين ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي ها. جان جو جوکم کڻي بہ سئنيٽوريم ۾ اَچي هن سان گڏجڻ، حال چال پڇڻ جو ضد ڪري ها. گوورڊن هن ناول ۾ پنهنجي اَهڙي ڪالپنڪ گرل فرينڊ خلقي آهي. هن ڏانهن هڪ لَو ليٽر (صفحو ٢٥٠-٢٥٩) لکي پنهنجي اندر جو حال هن سان اوريو آهي. هن عورت جو نہ ڪو نالو آهي، نہ سرنامو، اهو خط نہ پوسٽ ڪيو ويو، نہ ئي شايد ڪڏهن لکيو ئي ويو هو.

ليڪڪ شاعر انسانن مان نراس ٿي پنهنجي شاعريءَ کي ئي ساهيڙي بڻائي، اُن مان سهواس جو سک ماڻڻ چاهيندا آهن. ’مونکي هٿ جو سهارو ڏيئي هوءَ آهستي آهستي اُٿاري ٿي. منهنجي پُٺيءَ جي چوڌاري پنهنجي ساڄي ٻانهن ورائي ڏيري ڏيري مون کي واپس هال ڏانهن وٺي ٿي هلي. ان پاڪر ۾، ان ڇهاءَ ۾ ڪيڏي نه سنڀال، ڪيڏو نه سک سمايل آهي. هڪ هلڪي هلڪي سڳنڌ آهي، جا سسٽر جي سرير مان نڪري منهنجي سرير ۾ سمائجي رهي آهي. اها نرم گوري ٻانهن سسٽر جي نه، پر منهنجي ڪوتا جي آهي. اهو سڳنڌي صحتمند پاڪر نرس جو نه، پر منهنجي شاعريءَ جو آهي.‘ (صفحو ٢۴٩)

شاعر ائين ڪوتا جي ذريعي پنهنجي درد کي اظهاري، پاڻ پرڇائيندو نظر اَچيٿو. ’لهر بانوري/چنڊ لئہ چري/ٻانهون ٿي ڦهلائي/ دوُر آ گگن/ملڻ آ ڪٺن/ڪير ڪيس سمجهائي.‘

گوورڏن پارٽيءَ جي هن پنڌرهن مهينن جي سفرنامي ۾ رڳو موت جي اونده ناهي، نہ ئي ڪلوروفارم جي درڳنڌ آهي، نہ ئي مريضن جا رڙيون واڪا آهن. صبوح جي پهرين ڪرڻن جهڙو، رات جي سيتل چانڊوڪيءَ جهڙو، زندگيءَ جي اِندلني رنگن جهڙو هڪ نهايت ئي وڻندڙ، دلفريب ڪردار بہ گوورڏن خلقيو آهي، جنهن کي نالو ڏنو اَٿائين ريشما. سئنيٽوريم جا، گهر کان سڪايل مريض، آسائتين اکين سان ريشما جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ، سندس ٺهڪ ٻڌڻ لاءِ واجهائيندا آهن. راڌي شيام چرين جيان هن جو هر وقت پيڇو ڪندو رهندو آهي. اختر گوورڏن کان اُڙدو غزلن جا ڪتاب وٺي، کيس اُهي پڙهي ٻڌائيندو آهي. پر ريشما کي گوورڏن وڻي ويو آهي. هوءَ سندس صحبت جي ڪانکي آهي. هوءَ کيس هڪ خط لکي هڪ گيت موڪلڻ جي فرمائش ڪريٿي. جو تہ ’هڪ معمولي گيت بہ هت وڏي نعمت آهي. هڪ منڙي مُرڪ بہ هت غنيمت آهي، مستيءَ پرئي هڪ ٺهڪ جي بہ هت وڏي قيمت آهي. بہ ٿي سنيهہ ٻڌل ٻول بہ هت وڏو سهارو آهن، ڪا همدردي

پري نگاهہ بہ جڻ دوا جو ڊوز آهي. هت هر مريض اڪيلو آهي. اجنبي آهي .... ويڳاڻو آهي .... ويچارو آهي.'

پر گوورڌن سندس محبت جي آڇ کي نردئي ٻڻجي ٺڪرائي ڇڏي. ۽ ريشما پنهنجي ناراضپي جو اظهار ڪندي ڪيس چڱي خاصي ڌرپد ٻڌائيتي 'توهين پاڻ کي شرافت جو پتلو ۽ مونکي هڪ معمولي ڇيڇڙي ڇوڪري ٿا سمجهو .... فلرٽ (Flirt) چيپ (Cheap).'

گوورڌن هت مليندو رهجي ٿو وڃي. 'ريشما جي وڃڻ بعد ڄڻ سئنيٽوريم جي سونهن بہ هلي ويئي آهي. نہ مستي، نہ شرارت، نہ کل کل، نہ ٽهہ ٽهہ .... ريشما ويئي تہ مون کان موڪلائي بہ ڪانہ ويئي. هڪ منٽ لاءِ ئي ملڻ اچي ها. پر منهنجو ساڻس ڪهڙو سنبنڌ؟ ڪهڙي متي مائٽي؟ ريشما منهنجي دل ۽ دماغ تي ڄڻ ڪا دائمي ڇاپ ڇڏي ويئي آهي ۽ هاڻي سندس غير موجودگيءَ ۾ مان پنهنجي دل ۾ ڪو درد، ڪو خال محسوس ڪري رهيو آهيان.

مان اڪيلو رهجي ويو آهيان. بلڪل اڪيلو .... منهنجي چوڌاري ڪوهيڙو آهي. صرف ڪوهيڙو.'

سياري جي وڻندڙ اُس ۾، ڇپر تي ليٽي، هن چلولي ريشما جي ڦهلايل زلفن جي ڇانوَ ۾، ڪهڙو حساس دل شاعر گهڙي ڪن لاءِ آسائشي ٿيڻ نہ چاهيندو؟

گوورڌن جي پيش ڪيل هن ناول جو وکر گذريل چالهين سالن ۾ پراڻو نہ ٿيو آهي. اڄ بہ اهو تازو، نت نئون، عالمگيري سچائيءَ سان ٺمٺار آهي.

(اَمرت -آنند پبليڪيشن بمبئيءَ طرفان ۱۹۹۷ ۾ ڇپايل
قيمت - ۷۵ روپيا - صفحا ۳۰۴)

6, Maleer,
Adipur (Kutch) - 370205

رپورٽ/موهن گيهاڻي



# آديپور ۾ سنڌالاجي پاران لوڪ اَدب تي ورڪشاپ (NCPSL جي سهڪار سان)

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج جي سهڪار سان سنڌي لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا تي ٢ مارچ کان ٨ مارچ ٢٠٠٩ع تي آديپور ۾ ڪامياب ورڪشاپ ٿيو.

ورڪشاپ جو مهورتي جلسو تاريخ ٢ مارچ تي سنڌالاجيءَ جي سينٽرل هال ۾ ٿيو. شري ماڌو جوشي ’اَشڪ‘ ڪڇ جو مشهور ڪوي ۽ شري جينتي جوشي ’شباب‘ ڪڇ جو مشهور دانشور موقعي تي حاضر هئا ۽ مهورت پڻ شري جينتي جوشيءَ ڪيو. هُن چيو ته لوڪ اَدب مٽيءَ جو ادب آهي، اُن جي حاصلات لاءِ مٽي ڇاڻ جهڙي اِڇا شڪتيءَ ۽ سنڪلپ جي ضرورت آهي. شري ستيش روهڙا پڻ پنهنجا ويچار پيش ڪيا ۽ شري لکمي کلاڻيءَ مهربانيءَ جا ٻه لفظ چيا.

٣ مارچ کان ٨ مارچ تائين ١٠ بجي کان ٢ بجي تائين اٽڪل ٢٥ ڀاڱيدارن کي ٤ ماهرن لوڪ پرمپرائن، لوڪ ڪلا ۽ لوڪ اَدب جي ڄاڻ ڏني. حصو وٺندڙ هندستان جي جدا جدا حصن مان آيل هئا ۽ ماهر هئا. شري مينگهراج گرناڻي (دهلي)، جنهن عين موقعي تي، شري نارائڻ ڀارتيءَ جي نه پهچي سگهڻ ڪري، اها جوابداري بخوبي نباهي، شري مرليڌر جيٽلي، شري جينو لعلواڻي ۽ موهن گيهاڻي.

شري مرليڌر جيٽلي لوڪ سنسڪرتي، رهڻي ڪهڻي، ريتيون رواج، وندر ورونهن ۽ لوڪ رواجن ۽ اُنهن جي جدا جدا طريقن تي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُنهن جو اظهار وشيه تي تفصيلوار ڄاڻ ڏني، شري جيني لعلواڻيءَ

لوڪ ادب جي الڳ صنفن تي، جيئن تہ لوڪ ڪٿائون، لوڪ نيتي ڪٿائون، پرين جون آکاڻيون، منورنجن ڪٿائون، درٻاري ناٽ واريون لوڪ ڪٿائون ۽ ٻين قسمن جي لوڪ ڪٿائن ۽ خاص ڪري سنڌي لوڪ ڪٿائن جو تفصيلوار ذڪر ڪيو ۽ لوڪ ڪلائن جي حوالي ۾ لوڪ ناٽڪ، لوڪ نرتيہ ۽ ڀارت جي ٻين پرانتن جي هڪ جهڙين وڌائن جي مشابهت ڪئي ۽ سنڌي لوڪ نرتيہ جي جدا جدا قسمن جي ڄاڻ ڏني. شري مينگهراج گرناڻيءَ لوڪ گيتن‌جي الڳ الڳ پهلن تي تفصيلوار ڄاڻ ڏني. موهن گيهاڻيءَ لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت جي اوسر، لوڪ قصن جي جدا جدا حصن ۾ الڳ مڃتائن، خاص ڪري ’دودو چنيسر‘ قصي جي ١١ الڳ روايتن جو ڇيد ڪيو. هيل تائين لوڪ ادب جي گڏ ڪرڻ، ڇپائڻ ۽ لوڪ ورثي جي جدا جدا Electronic medium جي اپيوگ جي ڄاڻ ڏني. سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي اڄ جي يگ ٻوڌ (لوڪ مڃتا) سان پيش ڪئي. هن نشست (بينڪ) ۾ حصو وٺندڙن پڻ دل کولي ڀرو ورتو.

هن موقعي تي ٻاهران آيلن ۽ مڪاني شاعرن جي ڪامياب مشاعري جو بندوبست ڪيو ويو ۽ آخرين ڏينهن تي مهني جي پهرين آرتوار تي ٿيندڙ سنگيت چونڪيءَ کي هفتو مهمل ڪري ٨ مارچ تي چونڪي ڪئي ويئي جا پڻ هر خيال کان ڪامياب ويئي.

آخرين ڏينهن تي هڪ ڳنڍ قائم ڪرڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌي لوڪ ادب تي جيڪي اٽڪل ١٩٩٥ تائين ١٨٣ ڪتاب ڇپيل آهن، اُنهن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ هڪ لوڪ ادب ۾ دلچسپي رکندڙن جو گروپ ٺاهيو وڃي، جيڪي لوڪ ادب تي ڪتاب پڙهندا رهن، تن لاءِ هڪ گهومو (relay) لائبرري قائم ڪجي، جو هڪ جٿو پڙهي ٻئي کي موڪلي، ائين ڪنهن قسم جو ڳنڍ قائم رهي. بروقت هرڪنهن هن لاءِ هڪ سو روپيہ ڏنا ۽ شري پريتم ورياڻيءَ تي اها جوابداري رکي ويئي تہ ڪتاب ميسر ڪرڻ جو بندوبست ڪري.

هن سڄي ورڪشاپ جي ڪاميابيءَ لاءِ سنڌالاجيءَ جي سڄي اسٽاف پاڻ پتوڙيو. ٻاهران آيلن جي مهمانوازيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي

ڪوتاهي نہ رکي ويئي، جنهن لاءِ ورڪشاپ جي روح روان شري پريتم ورياڻي ۽ وليرام ڪشناڻيءَ کيرون لهڻيون - شري لکمي کلاڻي ۽ ستيش روهڙا تہ هڪيا حاضر هئا ئي.

# Declaration Regarding Ownership & Other Details

## for 'RACHNA' (SINDHI)

## FORM IV (Rule 8)

| | | |
|---|---|---|
| 1. Place of Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir,<br>Adipur - 370205 |
| 2. Periodicity of Publication | : | Quarterly |
| 3. Name of Printer | : | Shri Lakhmi Khilani, Director, |
| & Publisher | : | Indian Institute of Sindhology |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 4. Name of Editor | : | Shri Lakhmi Khilani |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 5. Owner of the Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Adipur - (Kutch) 370205 |

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to my knowledge and belief.

Dated : 01-03-09 Sd/- **Lakhmi Khilani**

PUBLISHER

# سنڌالاجي طرفان لوڪ اَدب ۽ ڪلا تي ورڪشاپ
## ۲ کان ۸ مارچ ۲۰۰۹




مهورتي جلسي ۾ مکيه مهمان شري جينتي جوشي شباب
شري ماڌو جوشي اشڪ دادي نرملا گجواڻي دادي ڪرشنا ڀمڀاڻي



ورڪشاپ ڊائريڪٽر پروفيسر پريتم ورياڻي خطاب ڪندي

# سنڌالاجي طرفان لوڪ آدب ۽ ڪلا تي ورڪشاپ
## ٢ کان ٨ مارچ ٢٠٠٩



مکيه مهمان شري جينتي جوشي ڪي نوٽ ايڊريس پيش ڪندي




مهمان خصوصي شري ماڌو جوشي اڪ ورڪشاپ
۾ پنهنجون شڀ اڇائون ڏيندي

# سنڌالاجي طرفان لوڪ اَدب ۽ ڪلا تي ورڪشاپ
## ٢ کان ٨ مارچ ٢٠٠٩



ورڪشاپ جو گائيڊ شري موهن گيهاڻي پنهنجا
ويچار پيش ڪندي



ايشوري جيوت ٻڌاڻي هال ۾ مشاعري ۾ موجود درشڪ

سنڌالاجي طرفان لوڪ آدب ۽ ڪلا تي ورڪشاپ
۲ کان ۸ مارچ ۲۰۰۹



سنڌالاجيءَ جي سينٽرل هال ۾ ورڪشاپ جي مهورت مهل
ڀاڱ وٺندڙ ڊيليگيٽ ۽ درشڪ




صوفياڻي سنگيت چوڪيءَ ۾ فنڪار ڪلام پيش ڪندي

توهان طرفان

## رام ڪڪڙيجا (اُلهاسنگر)

رچنا جا اَدبي شخصيتن (جينت ريلواڻي ۽ لڇمڻ هردواڻي) تي چيپيل ٻہ ٽي پرچا پسند آيا. خاص ڪري شري هردواڻيءَ جو ليک 'ڪارٽون ڪلا' ۽ شري جينت ريلواڻيءَ جو ليک 'سنڌي-گجراتي-ڪڇي ٻولين جو لاڳاپو' دلچسپ ۽ گيان ورڌڪ لڳا. تنهن ڪانسواءِ شري پڳوان ٻاٻاڻيءَ دواران شري فٽيشورنات ريڻو جي ترجمو ڪيل هندي ليک 'سنڌ ۾ سترهن مهينا' بلڪل دل وڻان هو. اهڙي ڪوجناتمڪ ڪاريہ لاءِ ڪيس مبارڪون.

رچنا مال توڙي رومال ڪان اڳي ڪان اڳري ٿي رهي آهي. ان لاءِ توهانکي مبارڪون.

## لڇمڻ پرسرام هردواڻي (اَحمدنگر)

رچنا جو ١٢٠ انڪ پهتو، ڌنيواد. ان انڪ ۾ منهنجو پريچيہ، فوٽو ۽ ڪي رچنائون شايع ڪرڻ لاءِ ٿورائتو آهيان. رچنا جي سڄي پريوار کي ڌنيواد.

هڪ سنهڙي شڪايت - رچنا ۾ منهنجي پوري سڄي بايو ڊيٽا ڪانہ ڏني ويئي آهي. جيتوڻيڪ منهنجي پاران موڪليل بايو ڊيٽا ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر آهي. خاص ڪري اُهي ڪتاب، جن جو مون مرهٽيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جيئن تہ پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ جي آتم ڪٿا 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق'، 'اناهوت'، 'سنڌي ڪهاڻين جو مرهٽي مجموعو وغيره جو ذڪر ڪيو وڃي ها تہ مونکي وڌيڪ سنتوش ٿئي ها.

## جئرام چمناڻي 'ديپ' (اَحمدآباد)

رچنا جو ١٢٠ اَنڪ مليو. پاڻ سان گڏ اَدبي سرهاڻ کڻي آيو. ڪور پيج تي لڇمڻ هردواڻيءَ جو سهڻو ۽ سندر فوٽو آهي. هن صاحب اَدب جا گهڻا، پنهنجو نور نچوئي پريا آهن. هن جو اَدب سان گهرو پيار آهي. جيڪو ساراهڻ جو ڳو آهي.

واسديو موهيءَ جو غزل ’آرسيءَ ۾ ڪٽي بہ تي تارا/ڪِتي رکي ڏس، ڏيئا ٻري پوندا. نئين سوچ ۽ غزل جي تازگيءَ سان ڀريل هو. ڪيمن مولاڻيءَ جا هائيڪو بہ نئين سوچ ۽ فڪر اُڀارن پيا. وڏي ڳالهہ ماترائن تي پختا رچيل هئا. گوپ ڪمل جو غزل بہ ڀاوَ ۾ پڪو ۽ پختو هو. جيا جادواڻيءَ جي ڪهاڻي ’جيڪو بہ هيءَ ڪٿاپڙهندو‘ ۾ ڦن ڦِن ڪهاڻيءَ کان الڳ پنهنجي شئليءَ ۾ لکيو آهي. ڪهاڻي ڀاءُ پيدا ڪري ٿي ۽ ڪهاڻي چرم سيما تي پهچي ٿي. جيا جادواڻيءَ جو مرڪزي خيال اُهو آهي تہ انڌ وشواس وڏي ويو آهي ۽ اَسين خالي سپنا ڏسون ٿا. ’مسجد واري ڪبوتري‘ سنڌيڪار لڇمڻ هردواڻيءَ واري ڪهاڻي رونگٽا کڙا ڪري ڇڏيا. ماڻهن ۾ اِنسانيت ڪٿي رهي آهي. ڪهاڻي هڪدم تاثر ڇڏي ٿي ۽ دل کي ڇُهي وڃي ٿي.

لڇمڻ هردواڻيءَ جو مقالو ’ڪارٽون ڪلا‘ جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ اِهو بہ سمجهائي ٿو تہ طنز ڪيئن پيدا ڪجي.

توهانجو ’هڪ نئون ورق‘ اُتساهہ ڏياري ٿو تہ سنڌيءَ کي بچائڻ لاءِ سچي نيت کان ڪم وٺو ۽ نئين پيڙهيءَ ۾ پنهنجا پير پختا ڄمايو. باقي هاءِ گهوڙا ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ورندو اَچو تہ سنڌي اِسڪولن ۽ گهرن ۾ سنڌي ڳالهائڻ جو وهنوار بچايون.

**ڪرشن چيناننڊ هيمراجاڻي (ممبئي)**

رچنا ۱۲۰ انڪ پڙهڻ جو شرف عطا ٿيو. هيءُ انڪ آڪٽوبر - ڊسمبر ۲۰۰۸، جو آهي، ليڪن مليو آهي فبروري ۲۰۰۹ ۾، يعني بہ مهنا دير سان! خبر ڪانهي تہ هرڪو پرچو هميشه يا گهٽ ۾ گهٽ اَڪثر ايترو دير سان ڇو ٿو پرڪاشت ڪيو وڃي؟ هڪ ڀيرو ڪمر ڪشي ميدان تي آيا تہ پوءِ، محور تي قائم رهندا ايندا.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

---

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology at Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir Adipur (Kachch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

With Best Compliments of

***Notan Tolani***

**SOLAR**

SOLAR TIME LTD.

**P.O. Box : 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd. T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : solar@solartimeltd.com**

*With Best Compliments of*

**JAISU SHIPPING COMPANY PRIVATE LIMITED**
**&**
**JAISU DREDGING AND SHIPPING LIMITED**

**(Only Indian company as Platinum member of PIANC)**

**Ship Owners, Charterer, Dredger Owners and Contractors,**
**Floating Dry Dock Owner and operator, Marine Contractors, Bunker Supplier,**
(Only Shipping Company Supplying Bunkers at Offshore in Gujarat Ports through Own Seagoing Barges)

Main Office :
'Kewalramani House',
Dinshaw Building Road,
Near Custom House,
Kandla Port. (Gujarat) India 370 210
Website : www.jaisu.in

Contacts :
Phone : (02836) 270538 / 270428 / 270128
Fax : (02836) 270556 / 270650 / 260389
Resi. : (02836) 260224 / 260235 / 260295
e.mail : jaisu_dredging@yahoo.com / jaisu_shipping@yahoo.com
e.mail : mail@jaisu.in
(Pritam Kewalramani) 098796 10302 / (Vishin) 098242 00428

# سنڌالاجيءَ جا ڇپايل ڪتاب وڪري لاءِ

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جي طرفان ڪي ناياب ملهائتا ڪتاب سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ڪلچر جي وشين تي ڇپايل آهن، جن مان ڪي ٿورا ڪتاب انهن سنسٿائن، لئبررين ۽ شخصن لاءِ رعايتي قيمت (٥٠ سيڪڙو لاٿ) تي موجود آهن جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڪاپين جو آرڊر موڪليندا.

رقم مني آرڊر/ڊرافٽ ذريعي سنڌالاجيءَ جي ائڊريس تي اَڳواٽ موڪلڻ سان ٽپال خرچ نہ ورتو ويندو.

| ڪتاب | ليکڪ | قيمت |
|---|---|---|
| ١. سنڌي ڏڻ | ڪشنچند جيٽلي | ڇهہ روپيا |
| ٢. سنڌي ريتيون رسمون ۽ رواج | پوپٽي هيراننداڻي | ويهہ روپيا |
| ٣. سنڌ جا سنت ۽ مهاتمائون | وليرام ڪشناڻي | ٽيهہ روپيا |
| ٤. جائزو | سمپادڪ هري دلگير | ٽيهہ روپيا |
| ٥. سنڌي ڪڇي لوڪ سنسڪرتي | سمپادڪ لکمي کلاڻي | چاليهہ روپيا |
| ٦. سنڌي نثر جا ٽنيا | سمپادڪ لکمي کلاڻي | چاليهہ روپيا |
| ٧. سنڌي ڪٿا ساهتيہ | نامديو تاراچنداڻي | سٺ روپيا |
| ٨. مٽيءَ جي مهڪ (ڪهاڻيون) | لکمي کلاڻي | سو روپيا |
| ٩. ترنڊڙ بادل (ناول) | ڪرشن کٽواڻي | سو روپيا |
| ١٠. سنڌي ناٽڪ جي اوسر | پريم پرڪاش | ٻہ سو روپيا |


**Sale Unit**
**Indian Institute of Sindhology,**
**Ward 4-A Adipur (Kutch) - 370205**
**Phone : (02836) 263851, 261569**
**E-mail : contact@sindhology.org**
**Visit our upgraded website: www.sindhology.org**